ABC THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
ھڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
69 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (95)　آچر 23 آگسٽ 2026ع 09 ربيع الاول 1448ھ صفحا 6 - ملھہ 30 وپيہ　شمارو (09)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com
Sunday 23rd August 2026
Daily Ibrat Karachi

سنڌ حڪومت جو ڪراچي حيدرآباد ۽ سکر موٽروي کان اڳ پنجاب ۾ نئون منصوبو شروع ڪرڻ تي وفاق آڏو سخت احتجاج

لاھور سيالڪوٽ 296 ڪلوميٽر موٽروي منصوبي تي ڪم شروع ڪرڻ کان اڳ حيدرآباد-سکر موٽروي کي ترجيحي بنيادن تي شروع ڪيو وڃي، صوبائي وزير جام خان شورو جو ايڪنڪ اجلاس ۾ وفاقي حڪومت کان مطالبو

حيدرآباد سکر موٽروي کي سنڌ جو پراڻو ۽ انتهائي اهم منصوبو آهي. ڪيترائي سال گذرڻ باوجود منصوبي تي عملي اڳڀرائي ناهي ٿي، سنڌ جي عوام سان ڪيل واعدا نظرانداز ڪيا پيا وڃن

ھن وزيراعظمن طرفان حيدرآباد-سکر موٽروي تي ڪم شروع ڪرڻ جي واعدن باوجود منصوبي کي عملي شڪل نہ ملڻ تي صوبائي اڳواڻن وفاقي حڪومت جي پاليسي تي سخت خدشا ظاهر ڪري ڇڏيا

وفاق نون موٽروي منصوبن تي ڪم شروع ڪرڻ بدران سنڌ جي سالن کان التوا هيٺ پراڻي منصوبي کي مڪمل ڪرڻ لاءِ قدم کڻي، وفاقي ترقياتي منصوبن ۾ ٻٽو معيار ختم ڪيو وڃي: صوبائي وزير

هر ڀيري سنڌ حڪومت ۽ صوبي جي عوام سان ڪيل واعدن جي ڀڃڪڙي ڪئي وڃي ٿي، حيدرآباد-سکر موٽروي بابت وفاقي حڪومت سنجيدگي جو نہ ٿي ڏيکاري؛ جام خان شورو جو ايڪنڪ اجلاس ۾ سوال

اسلام آباد (ھ ن) سنڌ حڪومت حيدرآباد-سکر موٽروي منصوبي تي ڪم شروع ڪرڻ کان اڳ پنجاب ۾ نئين لاھور-سيالڪوٽ موٽروي منصوبي جي شروعات تي وفاقي حڪومت آڏو سخت اعتراض اٿاري ڇڏيا آھن. سنڌ حڪومت وفاق تي صوبن سان ترقياتي منصوبن جي حوالي سان ٻٽو معيار اختيار ڪرڻ ۽ سنڌ سان ڪيل واعدا پورا نہ ڪرڻ جو الزام لڳايو آھي. روزاني ايڪسپريس نيوز جي ذريعن موجب نائب وزيراعظم ۽ وفاقي وزير اسحاق ڊار جي صدارت هيٺ ايڪنڪ جي اجلاس دوران سنڌ حڪومت حيدرآباد-سکر موٽروي منصوبي جو معاملو ڀرپور نموني اٿاريو ۽ وفاقي حڪومت کان منصوبي بابت واضح
بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

آمريڪي آرمي سيڪريٽري سال جي آخر تائين عهدو ڇڏي سگهي ٿو: وال اسٽريٽ جرنل

واشنگٽن (اي پي پي) آمريڪي آرمي سيڪريٽري ڊين ڊرسڪول هلندڙ سال جي آخر تائين پنهنجي عهدي کان استعيفيٰ ڏيڻ جو امڪان آهي وال اسٽريٽ جرنل باخبر ذريعن جي حوالي سان ٻڌايو تہ ڊين ڊرسڪول ۽ آمريڪي دفاع واري وزير پيٽ هيگسٿ وچ ۾ ڪيترن ئي مهينن کان
بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: صدر آصف علي زرداري سان ملائيشيا جو گهرو وزير ملاقات ڪري رهيو آهي

چنچر جي رات ۽ 23 آگسٽ دوران تيز برساتن سبب اربن فلڊنگ جو خدشو

اسلام آباد (اي پي پي) موسميات کاتي
بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

سوئيڊن جي اسڪول ۾ تلوار جي حملي ۾ هڪ شخص مارجي ويو، 3 زخمي

هيلسنڪي (اي پي پي) سوئيڊن جي علائقي فگرستا ۾ هڪ اسڪول ۾ تلوار
بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

في ايڪڙ پيداوار ۾ اضافي لاءِ ننڍي ۽ وچولي درجي جي آبادگارن کي هر قسم جي مدد فراهم ڪنداسين: وزيراعظم

وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ زرعي شعبي جي سڌارن ۽ شعبي جي ترقي لاءِ حڪومت جي پاليسي قدمن تي عملدرآمد جي حوالي سان جائزي وارو اجلاس منعقد ٿيو

معياري ٻج جي فراهمي کي يقيني بڻائڻ ۽ زرعي تحقيق جي ادارن کي وڌيڪ فعال بڻائڻ جي هدايت ڪئي آهي، في ايڪڙ پيداوار ۾ واڌ لاءِ ننڍي ۽ وچولي درجي جي آبادگارن کي هر قسم جي مدد فراهم ڪرڻ آهي

هلندڙ سال چين ۾ زرعي شعبي جي تربيت لاءِ ويندڙ شاگردن ۽ شاگردياڻين جي چونڊ ۾ ميرٽ ۽ شفافيت کي اولين ترجيح ڏيڻ ۽ نيشنل ايگريڪلچر ريسرچ سينٽر ۾ سڌارن جي منظوري ڏيندي کين جلدي مڪمل ڪرڻ جي هدايت

پاڪستان ٽوبيڪو بورڊ آٽوميشن پراجيڪٽ اسپارڪو ذريعي فيصلن جي جائزي واري پروگرام ۽ جيٽن ۽ ٻوٽن جي سڃاڻپ لاءِ اي آءِ تي ٻڌل ايپ سميت مختلف قدمن تي اڳڀرائي جاري آهي

نئين ماسٽر پلان تحت ڪ سينٽر آف ايڪسيلينس، ريفرنس ليبارٽريون، بايو ريپازيٽري، نوان تحقيقي سينٽرن سميت ٻجي شعبي لاءِ تحقيقي پارڪ، عالمي تعاون لاءِ سينٽر، ليونگ ليبارٽري ۽ پبلڪ ڊسڪوري پارڪ جھڙيون سهولتون قائم ڪيون وينديون

لاھور (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف في ايڪڙ پيداوار ۾ اضافي لاءِ ننڍي ۽ وچولي درجي جي آبادگارن کي هر قسم جي مدد جي فراهمي حڪومت جي اولين ترجيحن ۾ شامل قرار ڏيندي آبادگارن کي معياري ٻج جي فراهمي کي يقيني بڻائڻ ۽ زرعي تحقيق جي ادارن کي وڌيڪ فعال بڻائڻ جي هدايت ڪئي آهي. وزيراعظم محمد شهباز شريف جي صدارت هيٺ
بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف زرعي شعبن ۾ سڌارن بابت گڏجاڻي ۾ شريڪ آهي

آمريڪي عدالت 75 ملڪن جي شهرين تي ٽرمپ انتظاميہ جي ويزا پابندي ڪالعدم قرار ڏئي ڇڏي

مين هٽن جي آمريڪي جج جينيٽ ورگاس فيصلي ۾ قرار ڏنو آهي تہ ويزا پابندي واضح طور تي غيرقانوني آهي

ان پاليسي ذريعي پرڏيهي وزير مارڪو روبيو پنهنجي قانوني اختيارن کان اڳيان وڌي ويو: عدالت

واشنگٽن (اي پي پي) آمريڪي عدالت صدر ڊونلڊ ٽرمپ جي انتظاميہ پاران پاڪستان سميت 75 ملڪن جي شهرين کي اميگرنٽ ويزا جاري ڪرڻ تي لاڳو پابندي کي ڪالعدم قرار ڏنو آهي مين
بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

ڪشميرين کي خودارادیت کان محروم رکڻ عالمي اصولن خلاف آهي: مشعال ملڪ

آمريڪي سفير جو ڪشمير کي ڀارت جو حصو قرار ڏيڻ گهڻي جو سبب آهي: ڪشميري اڳواڻ

آمريڪا عالمي امن، انساني حقن ۽ گڏيل قومن جي ٺهرائن جي اصولن سان بيهي ۽ هي خونريز آهن

اسلام آباد (اي پي پي) حريت اڳواڻ ياسين ملڪ جي گهرواري (ڏاڪٽر) مشعال ملڪ چيو آهي تہ ڪشمير جو تڪراري گڏيل قومن
بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

بين الاقوامي قانون جي حڪمراني کي خطرا درپيش آهن: عالمي فوجداري عدالت جو سربراهہ

روم (اي پي پي) بين الاقوامي فوجداري
بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

عمران خان جي اسپتال منتقلي وارو معاملو، پي ٽي آءِ جي حڪومت خلاف توهين عدالت جي درخواست داخل

درخواست ۾ سپريم ڪورٽ جي 18 آگسٽ 2026ع واري حڪم نامي جي مبينا ڀڃڪڙي تي توهين عدالت جي ڪارروائي شروع ڪرڻ جي استدعا

درخواست ۾ توهين عدالت جي ذميوارن کي شوڪاز نوٽيس جاري ڪرڻ ۽ ذاتي حاضري جو حڪم ڏيڻ جي استدعا پڻ ڪئي وئي

درخواست ۾ پي ٽي آءِ باني عمران خان کي ترت شفا انٽرنيشنل اسپتال اسلام آباد منتقل ڪرڻ ۽ سندس طبي معائنو ڪرائڻ جي بہ درخواست

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پاڪستان تحريڪ انصاف (پي ٽي آءِ) جي باني سربراهہ عمران خان جي اسپتال منتقلي واري معاملي تي حڪومت خلاف توهين عدالت جي درخواست داخل ڪري ڇڏي پي ٽي آءِ
بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ۽ ملائيشيا وچ ۾ قانون لاڳو ڪرڻ ۽ سيڪيورٽي تعاون کي هٿي ڏيڻ جي ضرورت آهي: صدر

دهشتگردي ۽ منشيات جي روڪٿام، انساني اسمگلنگ ۽ پرڏيهين جي غير قانوني چرپر جي خاتمي وارن شعبن ۾ سهڪار ضروري آهي

صدر مملڪت سان ڪالهہ ملائيشيا جي گهرو وزير سيف الدين نصرالدين بن اسماعيل سان ايوان صدر ۾ ملاقات دوران ڪئي

هن وقت پاڪستان جي مختلف شهرن ۽ ملائيشيا جي وچ ۾ هفتيوار 14 اڏامون هلي رهيون آهن اڏامن جي انگ ۾ وڌيڪ اضافي لاءِ ڪوششون ڪيون پيون وڃن

اسلام آباد (اي پي پي) صدر مملڪت آصف علي زرداري پاڪستان ۽ ملائيشيا جي وچ ۾ قانون لاڳو ڪرڻ، دهشتگردي ۽ منشيات جي روڪٿام انساني اسمگلنگ ۽ پرڏيهين جي غير قانوني چرپر جي خاتمي
بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

آمريڪا پاران گڏيل قومن جي رهڻن جي مد ۾ 72 ڪروڙ 50 لک ڊالر ادا ڪرڻ جو منصوبو

آمريڪي انتظاميا ڪانگريس کي رقم جي ادائيگي جي ارادي کان آگاهہ ڪري ڇڏيو آهي: پرڏيهي ميڊيا

آمريڪا وڌيڪ ادائيگيون نہ ڪندو تہ جنوري ۾ گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي ۾ ووٽنگ جا حق متاثر ٿي سگهن ٿا: رپورٽ

واشنگٽن (اي پي پي) آمريڪي انتظاميا گڏيل قومن جي رهڻن جي مد ۾ 72 ڪروڙ 50 لک ڊالر ادا ڪرڻ جو منصوبو ٺاهيو
بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

امداد ۾ ڪٽوتي صوماليا ۾ ٻارن جي زندگين کي خطري ۾ وجهي رهي آهي: يونيسيف

گڏيل قومون (اي پي پي) يونيسيف خبردار
بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

ترڪي اسرائيلي وزيراعظم نيتن ياهو جي گرفتاري جا وارنٽ جاري ڪري ڇڏيا

انقره اعلان ترڪي جي انصاف واري وزير اڪن گرلڪ سوشل ميڊيا پليٽ فارم ايڪس تي ڪيو

غزه ۾ نسل ڪشي جي پاليسي تي عمل ڪندڙ نيتن ياهو جي حڪومت قانون کان مٿانهين آهي

انقره (اي پي پي) ترڪيہ اسرائيل جي وزيراعظم بنيامين نيتن ياهو جي گرفتاري لاءِ بين الاقوامي وارنٽ جاري ڪري ڇڏيا
بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

نظام مفلوج ٿي چڪو آهي، ملڪ ۾ نوان انتظامي يونٽ ضروري آهن: مصطفيٰ ڪمال

وفاق پاران سنڌ حڪومت کي 42 هزار ارب رپيا ڏنا ويا، ان باوجود صوبو سنگين مسئلن جو

سنڌ جي ورهاڱي جي ڳالهہ نٿو ڪريان، پر بهتر حڪمراني ۽ انتظامي نظام

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صحت واري وفاقي وزير سيد مصطفيٰ ڪمال چيو آهي تہ سڄو نظام مفلوج ٿي چڪو آهي ملڪ ۾ نون
بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم پاران برساتن ۽ ٻوڏ سبب متاثر خاندانن جي مالي مدد، بجلي ۽ روڊن جي بحالي جي هدايت

وزيراعظم محمد شهباز شريف جي صدارت هيٺ ملڪ ۾ تازين مون سون برساتن ۽ ان سبب ٿيل نقصانن جي حوالي سان اجلاس منعقد ٿيو

وزيراعظم ٻوڏ سبب متاثر علائقن ۾ بجلي جي فراهمي جي نظام ۽ روڊ رستن جي بحالي جلدي مڪمل ڪرڻ جي بہ هدايت ڪئي

سڄي ملڪ ۾ مون سون برساتن سبب متاثر علائقن ۾ هن وقت تائين مجموعي طور تي 615 ٽن امدادي سامان موڪليو ويو: بريفنگ

لاھور (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف تازين برساتن ۽ ٻوڏ سبب متاثر خاندانن جي مالي مدد ۽ متاثر علائقن ۾ بجلي جي فراهمي ۽ روڊ رستا جلدي مڪمل بحال ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي
بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

مشڪل معاشي ايڊجسٽمينٽ جي مرحلي مان گذري استحڪام حاصل ڪيو آهي: احسن اقبال

اڙان پاڪستان تحت معاشي استحڪام کي پائيدار معاشي تبديلي ۾ تبديل ڪرڻ پهرين ترجيح آهي

وفاقي وزير احسن اقبال پاران آگسٽ مهيني جي ترقياتي رپورٽ جاري ٿيڻ واري تقريب کي خطاب

اسلام آباد (اي پي پي) رٿابندي، ترقي ۽ خصوصي قدمن واري وفاقي وزير پروفيسر احسن اقبال چيو آهي تہ پاڪستان مشڪل
بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

آمريڪا پاران ايران سان واپاري شراڪتدارن تي پابندين جي ڌمڪي، عالمي مارڪيٽ ۾ تيل جي قيمتن ۾ اضافو

لنڊن (اي پي پي) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ پاران ايران جي مدد ڪندڙ ملڪن تي اقتصادي پابنديون لاڳو ڪرڻ جي ڌمڪي ڪانپوءِ عالمي مارڪيٽ ۾ تيل جي قيمتن
بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: چپ تعزيہ جو جلوس پنهنجي روايتي رستن تان گذري رهيو آهي

چين جي آمدني واپار ۾ ساليانو 2.2 سيڪڙو جي واڌ

بيجنگ (اي پي پي) هلندڙ سال جي شروعاتي 7 مهينن ۾ چين جي آمدني واپار ۾ ساليانو 2.2 سيڪڙو جي واڌ ٿي آهي ۽ مسلسل 5 مهينن ۾ چين جي
بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت ڪراچي جي ترقياتي منصوبن تي عملي ڪم ڪري رهي آهي: شرجيل ميمڻ

ريڊ لائين منصوبي تي ڪم تيز ڪري يونيورسٽي روڊ 15 سيپٽمبر تائين مڪمل موٽر بل بڻائو وڃي

سينئر صوبائي وزير جي صدارت هيٺ اجلاس ۾ تعميراتي ڪم جو جائزو ورتو ويو، مختلف هدايتون پڻ جاري

500 اي وي بسن جي خريداري جا معاهدا ٿي چڪا آهن، شهرين کي مفت ٽيڪسيون، بائيڪس ۽ اسڪوٽر ڏنا ويندا

صحت، تعليم، توانائي، يونيورسٽين، پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ سميت مختلف شعبن ۾ ڪم جاري آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سينئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ
بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

ملتان: ريلوي واري وزير حنيف عباسي اسٽيشن جو دورو ڪري رهيو آهي

سنڌ حڪومت ۽ آغا خان يونيورسٽي ۾ فضائي گدلاڻ بابت گڏيل تحقيق تي اتفاق

ماحولياتي نگراني نظام جديد ۽ خودڪار بڻائڻ لاءِ يونيورسٽي جي ماهرن کان

موسمي تبديلي، شديد گرمي ۽ ٻوڏ جي صحت تي اثرن بابت سائنسي بنيادن تي ڪم جاري رکيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي ماحوليات، موسمي تبديلي ۽ ساحلي ترقي واري کاتي ۽ آغا خان يونيورسٽي جي ڪميونٽي
بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

انمول پنڪي خلاف منشيات جي 3 ڪيسن ۾ عبوري چالان خامين سبب واپس

ڊپٽي ڊسٽرڪٽ پراسيڪيوٽر پاران پوليس چالان ۾ اهم قانوني خامين جي نشاندهي

جوابدار جي اشتهاري هجڻ ۽ ٻري ٿيل جوابدارن جا تفصيل شامل نہ ڪرڻ تي اعتراض

ڪراچي (بيورو رپورٽ) جوڊيشل مئجسٽريٽ ڏکڻ جي عدالت ۾ جوابدار انمول عرف پنڪي خلاف منشيات جي ٽن ڪيسن جي
بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

اي اين ايف جون ڪارروايون، 7 جوابدار گرفتار، 174 ڪلو کان وڌيڪ منشيات هٿ

مختلف شهرن ۾ 7 ڪارروائين دوران 3 ڪروڙ 83 لک رپين کان وڌيڪ ماليت جي منشيات ضبط

ڪيچ ۾ 125 ڪلو آئس، اسلام آباد، لاھور ۽ ٻين هنڌن تان وڏي مقدار ۾ چرس ۽ آئس هٿ آئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) اينٽي نارڪوٽڪس
بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ مختلف حادثن جا واقعا، بزرگ موٽرسائيڪل سوار سميت 2 ڄڻا فوت

منگهو پير ۾ تيز رفتار ويگو جي ٽڪر ۾ 60 ورهين جو عبدالعزيز فوت ٿي ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ الڳ الڳ حادثن ۽ واقعن ۾ 2 ڄڻا فوت ٿي ويا. منگهو پير جي علائقي
بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد ۾ سنڌ ايڪشن ڪميٽي جو ”وحدت سنڌ مارچ“، سنڌ ورهاڱي ۽ وسيلن تي والار خلاف هزارين ماڻهن جي شرڪت

سنڌ جي وحدت تي ڪو وار قبول نہ ڪنداسين، سنڌ جا ڪروڙين ماڻهو پنهنجي ڌرتي جي حفاظت لاءِ روڊن تي نڪرندا: اڳواڻ

تحريڪ جو هي پهرين شروعات جو مرحلو آهي، سنڌ کي ورهائڻ وارا سنڌ ۽ هن ملڪ جي خلاف آهن :نياز ڪالاڻي/روشن برڙو

پاڪستان تي پنجاب جو مڪمل قبضو آهي، وفاق پويان پنجاب جي بندوق آهي، سنڌ کي خدا ناهيو آهي ان کي ڪير بہ ٽوڙي نٿو سگهي:رياض چانڊيو

سنڌ جا درياهہ، وسيلا ٻيٽ سنڌي قوم جي ٻڌي بچائيندي، سنڌ جو سياسي ٻڌي سنڌ ٽوڙڻ نہ ڏيندي: جامي چانڊيو/منير حيدر شاهہ

سنڌ کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري سنڌي قوم جو وجود ميسارڻ جي سازش ڪئي پئي وڃي: وسند ٿري، ثمر جتوئي ۽ ٻين جو خطاب

حيدرآباد(رپورٽ غلام حسين خاصخيلي) سنڌ ايڪشن ڪميٽي پاران سنڌ جي ورهاڱي ۽ وسيلن تي وڌيڪ والار وارين سازشن خلاف ڪالهہ حيدرآباد ۾ قاسم آباد پونم چوڪ کان ”وحدت سنڌ مارچ“ ڪيو ويو مارچ واڌو واهہ روڊ، نسيم نگر چوڪ کان ٿيندو واڌو واهہ گيٽ تي پهچي جلسي
بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: سنڌ ايڪشن ڪميٽي پاران نون صوبن خلاف احتجاجي ريلي ۾ مختلف تنظيمن جا اڳواڻ شريڪ آهن: فوٽو اختر پيرزادو

حيدرآباد سکر موٽروي منصوبي ۾ دير سنڌ لاءِ ٻٽي معيار جو ثبوت آهن: سعديہ جاويد

سنڌ جا اهم انفرااسٽرڪچر منصوبا نظرانداز ڪري سيالڪوٽ-لاھور موٽروي لاءِ فنڊ رکيا پيا وڃن

ڪراچي کان حيدرآباد ۽ سکر تائين خراب زميني رابطن سان عوام ۽ ڪاروبار متاثر ٿئي پيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت جي ترجمان چيو آهي تہ مصطفيٰ ڪمال جو صوبائي ڪاتو سنڀالڻ سان ترقيءَ جو نعرو
بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

يوڪرين شاپنگ سينٽر تي روسي ڊرون حملو 14 ڄڻا مارجي ويا، 121 زخمي

زخمين ۾ 5 ٻارن سميت 29 ماڻهن جي حالت گنڀير ڄاڻائي وڃي ٿي: پرڏيهي ميڊيا

ڪيف (اي پي پي) يوڪرين جي هڪ شهر ڪريوي ريهہ ۾ هڪ شاپنگ سينٽر تي روسي ڊرون حملي جي نتيجي ۾ گهٽ ۾
بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

ڪراچي جي صنعتي علائقن ۾ 86 ڪروڙن جا منصوبا ڊسمبر تائين مڪمل ڪيا ويندا: مرتضيٰ وهاب

سنڌ حڪومت پاران صنعتي علائقن لاءِ 9.5 ارب رپين جي گرانٽ

روڊن ۽ بنيادي ڍانچي جي بهتري سان صنعتي ۽ برآمدي سرگرمين کي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ميئر ڪراچي
بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

ملير ۽ ڀرپاسي جي عوام کي معياري ۽ سستو علاج فراهم ڪيون ويندو : مراد شاهہ

حسن سليمان ميموريل هاسپيٽل ۾ ايم آر آءِ سي ٽي اسڪين ۽ جديد طبي سهولتون شامل آهن

وڏي وزير اسپتال جو دورو ڪري تعميراتي ڪم جو معائنو ڪري وقت سر تڪميل ڪرڻ جي هدايت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير
بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

27 سيپٽمبر تي اسلام آباد طرف لانگ مارچ جو اعلان، هاڻي 20 نہ پر 40 لک ماڻهو پهچندا: سهيل آفريدي

عمران خان جي علاج بابت عدالتي فيصلي تي عمل نہ ٿيڻ تي سخت ڳڻتي آهي، عدالت جي ٽن ججن جي فيصلي کي حڪومت ۽ انتظاميا نظرانداز ڪيو

عدالتون انهن ماڻهن کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ نٿيون آڻي سگهن، جن کي هو طاقتور سمجهن ٿا، ڪمزور ۽ عام شهرين لاءِ بہ الڳ معيار نہ هجڻ گهرجي

ملڪ ۾ ڪمزور ۽ طاقتور لاءِ الڳ قانون نٿو ٿي سگهي ۽ سڀني کي هڪجهڙو انصاف ملڻ گهرجي: وزيراعليٰ ڪي پي ڪي جو ميڊيا کي خطاب

هنگو (مانيٽرنگ ڊيسڪ) خيبرپختونخوا جي وڏي وزير محمد سهيل آفريدي اعلان ڪيو آهي تہ 27 سيپٽمبر تي اسلام آباد طرف لانگ مارچ ٿيندو ۽ هاڻي 20 نہ پر 40 لک ماڻهو اسلام آباد پهچندا. هنگو
بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ پهريون ڀيرو پالتو ٻلي جو پوسٽ مارٽم، موت غلط رت چڙهڻ سبب قرار

سنڌ اينيمل ڊيزيز سرويلينس سينٽر جي ماهرن ٻن مهينن جي پرشين ٻلي جو پوسٽ مارٽم ڪيو

معائنو ويٽنري تشخيص ۽ جانورن جي بيمارين جي نگراني ۾ اهم اڳڀرائي قرار، ماهرن کي مبارڪباد

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان ۾ ويٽنري هيلٿ ڪيئر ۽ جانورن جي بيمارين جي تشخيص جي شعبي ۾ هڪ تاريخي
بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

ڪراچي انسٽيٽيوٽ آف ڪڊني ڊزيز جي توسيعي منصوبي جو افتتاح ڪيو

بدين، لانڍي ۽ ملير سميت ٻين علائقن ۾ نوان ڊائلاسس سينٽر قائم ڪيا ويندا: ميئر

علاج جون سهولتون گهرن جي ويجهو ملڻ سان مريضن کي ڏکيو سفر جي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ميئر ڪراچي بئريسٽر مرتضيٰ وهاب ڪراچي انسٽيٽيوٽ آف ڪڊني ڊزيز جي توسيعي منصوبي جو
بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

وفاقي گهرو وزير محسن نقوي ۽ ملائيشين هم منصب جو گڏيل ورڪنگ گروپ، سيڪيورٽي تعاون تي اتفاق

منشيات جي خاتمي وارين ڪوششن، سائبر ڪرائيم جي روڪٿام ۽ اميگريشن مينجمينٽ ۾ تعاون کي هٿي ڏيڻ بہ ڳالهايو ويو

گڏيل ورڪنگ گروپ قائم ڪرڻ ۽ دهشتگردي، منشيات ۽ انساني اسمگلنگ کي منهن ڏيڻ لاءِ انٽيليجنس شيئرنگ جي طريقيڪار کي مضبوط بڻائڻ جو فيصلو

پاڪستان ڪوسٽ گارڊ آپريشنز ۽ لاڳاپيل شعبن ۾ ملائيشيا جي تجربي مان فائدو کڻڻ ۾ دلچسپي رکي ٿو

اسلام آباد (اي پي پي) گهرو معاملن واري وفاقي وزير محسن نقوي سان ملائيشيا جي گهرو وزير سيف الدين نصر الدين بن
بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

فلپائن ۾ فائرنگ، 2 ڄڻا مارجي ويا، هڪ زخمي

منيلا (اي پي پي) فلپائن جي بيٽ منڊاما
بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

رحيمپور: چپ تعزيہ جي جلوس ۾ ذوالجناح شريڪ آهي

ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ افغانين خلاف ڪارروايون، سهولتڪار سميت 32 ڄڻا گرفتار

ڊسٽرڪٽ ايسٽ پوليس طرفان پي آءِ بي، بريگيڊ، ٽيپو سلطان ۽ ٻين علائقن ۾ ڪارروايون ڪيون ويون

محمود آباد، بلوچ ڪالوني ۽ سائيٽ سپر هاءِ وي جي علائقن مان پڻ افغان شهرين کي حراست ۾ ورتو ويو

گرفتار ڪيل افغانين کي افغان ڪيمپ منتقل ڪيو ويو سهولتڪار خلاف ڪيس داخل

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڊسٽرڪٽ ايسٽ پوليس جون غير قانوني طور رهندڙ افغان شهرين خلاف ڪارروايون ڪراچي جي ڊسٽرڪٽ ايسٽ پوليس غير قانوني طور رهندڙ افغان شهرين خلاف ڪارروائي ڪندي هڪ سهولتڪار سميت 32 افغان شهرين کي حراست ۾ ورتو پوليس موجب پي آءِ بي ڪالوني بريگيڊ، ٽيپو سلطان ۽ ٻين علائقن ۾ ڪارروايون ڪيون ويون جڏهن تہ
بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: نون ليگ سنڌ جو صدر بشير احمد ميمڻ تقريب کي خطاب ڪري رهيا آهن

ڪراچي مان سول ايوي ايشن ۽ ايئرپورٽس اٿارٽي جا هيڊڪوارٽر اسلام آباد منتقل ڪرڻ جو فيصلو

ٻنهي ادارن جا عارضي هيڊڪوارٽر اسلام آباد ايئرپورٽ تي قائم ڪرڻ لاءِ ست رڪني ڪميٽي جوڙي وئي

سول ايوي ايشن اٿارٽي نومبر ۽ ايئرپورٽس اٿارٽي ڊسمبر تائين منتقل ٿيڻ جو امڪان ظاهر ڪيو ويو

ٻنهي ادارن جون علائقائي آفيسون ڪراچي سميت ملڪ جي ٻين شهرن ۾ معمول موجب ڪم ڪنديون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايوي ايشن انڊسٽري جي ٻن اهم ادارن پاڪستان سول ايوي ايشن اٿارٽي ۽ پاڪستان ايئرپورٽس اٿارٽي جا هيڊڪوارٽر ڪراچي مان اسلام آباد منتقل ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي
بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

اي اين ايف جو سڄي ملڪ ۾ ڪريڪ ڊائون، 174.82 ڪلوگرام منشيات هٿ، 7 جوابدار گرفتار

ڪارروائين ۾ فيصل آباد ڪوريئر آفيس ۾ بحرين ويندڙ پارسل ۾ ڪپڙن مان 228 گرام آئيس هٿ ڪئي وئي

اهلڪارن 3 ڪروڙ 83 لک رپين کان وڌيڪ ماليت جي 174.82 ڪلوگرام منشيات هٿ ڪري 7 جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو

تربت ڊسٽرڪٽ ڪيچ ويجهو ٽرڪ مان 125 ڪلوگرام آئيس هٿ ڪري ٻن جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو

اسلام آباد (اي پي پي) اينٽي نارڪوٽڪس فورس (اي اين ايف) ملڪ جي مختلف شهرن ۾ منشيات اسمگلنگ خلاف ڪريڪ
بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

وفاقي حڪومت راولپنڊي ۾ 6 مهينن لاءِ فوج مقرر ڪرڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي

راولپنڊي ۾ فوج جي مقرري جي منظوري آئين جي آرٽيڪل 245 تحت ڏني وئي: نوٽيفڪيشن جاري

فوج ضلعي انتظاميا سان گڏجي ڪم ڪندي، حساس هنڌن توڙي اهم شاهراهن تي سيڪيورٽي انتظامن کي وڌيڪ مضبوط بڻايو ويندو

اسلام آباد (ھ ن) وفاقي حڪومت راولپنڊي ۾ ڇهن مهينن لاءِ فوج مقرر ڪرڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي جاري ڪيل نوٽيفڪيشن موجب، راولپنڊي ۾ فوج جي مقرري جي منظوري آئين جي آرٽيڪل
بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ صحت ڪارڊ بحال ڪيو وڃي، تعميراتي صنعت لاءِ مستقل پاليسي ضروري آهي: آباد اڳواڻ

وفاقي وزير مصطفيٰ ڪمال جي آباد هائوس ۾ پهتو، صحت ۽ تعميراتي شعبي ۽ ٻين معاملن تي ڳالهيون

آباد اڳواڻن پاران تعميراتي صنعت کي هٿي، ڪاروباري برادري کي سياست ۾ نمائندگي ڏيڻ جو مطالبو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وفاقي صحت واري وزير سيد مصطفيٰ ڪمال آباد هائوس پهتو جتي آباد جي چيئرمين محمد حسن بخشي سندس استقبال ڪيو ان موقعي تي آباد جي عهديدارن ۽ ميمبرن سان اهم ملاقات
بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

ملتان: ريلوي ڪارڪن ريل پٽڙي جي صفائي ڪري رهيا آهن

ڪروشيا ۾ ننڍو جهاز جبل سان ٽڪرائجي تباهہ، 2 ڄڻا فوت

زغرب (اي پي پي) ڪروشيا جي ساموبدي ڪناري واري علائقي ۾ ويليبٽ جبل تي ننڍي جهاز جي حادثي ۾ ٻہ ڄڻا فوت ٿي
بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

مير رضا قتل ڪيس: پوسٽ مارٽم ڪندڙ ڊاڪٽر کان پڇا ڳاڇا، فون فارنزڪ حوالي

طبي رپورٽن جي اصطلاحن بابت پوليس سرجن کان جاچ ٽيم کي بريفنگ، مختلف رخن کان جاچ جاري

مير رضا جي مبينا آخري لمحن جي سي سي ٽي وي فوٽيج جاري ڪرڻ تي غور ڪيو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) نوجوان واپاري مير رضا قتل ڪيس جي مختلف رخن کان جاچ جاري آهي مقتول جي پيءُ پنهنجي وڊيو
بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

ايراني فوج جو پنهنجي فوجي پاليسي ۾ دفاعي کان جارحاڻي انداز ڏانهن تبديليءَ جو اعلان

تڪرارن جي ڪري فوجي حڪمت عملي دفاعي انداز مان تبديل ٿي جارحاڻي انداز ڏانهن منتقل ٿي رهي آهي: تهران

ها تبديلي ”12 ڏينهن واري جنگ“ ۽ ”40 ڏينهن واري جنگ“ دوران تدريجي طور تي عمل ۾ آئي: برگيڊيئر جنرل محمد اڪرم نيا

تهران (ھ ن) ايراني فوج پنهنجي فوجي پاليسي ۾ دفاعي کان جارحاڻي انداز ڏانهن تبديليءَ جو اعلان ڪيو آهي ايراني فوج اعلان ڪيو آهي تہ تازين تڪرارن جي ڪري ان جي فوجي حڪمت عملي دفاعي انداز مان تبديل ٿي جارحاڻي انداز ڏانهن
بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 2

خيرپور ويجهو جوابدارن جي مبينا تشدد سبب عورت فوت، وارثن جو احتجاج

ڪمال ڳوٺ واسي در محمد ڦلپوٽي، دودو، ظفر علي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

زميني تڪرار تان جوابدار حملو ڪري انور خاتون کي تشدد ڪري قتل ڪيو آهي انصاف ڪيو وڃي

خيرپور(ن ر)خيرپور جي اڪناڪ زون ٿاڻي جي حد ڪمال ڳوٺ ۾ مبينا تشدد سبب عورت فوت، فوت ٿيل عورت جي وارثن جو
بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 2

هوسڙي: اولڊ ڦليلي واهہ مان نامعلوم نوجوان جو لاش هٿ، اسپتال منتقل

هوسڙي (ن ع) هوسڙي ٿاڻي جي حد محمد شاهہ بخاري سوري پرسان اولڊ ڦليلي واهہ مان نامعلوم نوجوان شخص جو لاش هٿ آيو آهي علائقي واسين لاش ڏسي هوسڙي پوليس کي اطلاع ڏنو جنهن تي
بقايا نمبر 45 ڏسو صفحو 2

تعلقي گمبٽ ۾ آئس، شراب، آفيم، چرس جي استعمال ڏينهون ڏينهن اضافو

ڪيترائي خاندان منشيات سبب معاشي سماجي ۽ اخلاقي تباهي جو شڪار بڻجي ويا

قانون لاڳو ڪندڙ ادارا ۽ لاڳاپيل کاتا فوري طور نشي جي وڪري تي ڪنٽرول ڪن: رهواسي

گمبٽ (ت.ر) تعلقي گمبٽ اندر خطرناڪ منشيات آئس شراب آفيم چرس نشي جو استعمال ڏينهون ڏينهن وڌندو پيو وڃي
بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 2

سکر: عيد ميلاد النبي صہ جي حوالي سان ريلي ڪڍي پئي وڃي

پاڪستان ريلوي جي آمدني 88 ارب مان وڌي 115 ارب رپيا ٿي وئي

سڌارن جا هاڪاري نتيجا سامهون اچي رهيا آهن، فريٽ آمدني ۾ بہ 28 سيڪڙو اضافو ٿيو: حنيف عباسي

پاڪستان ريلوي جي آمدني ۾ 27 ارب رپين جو اضافو ٿيو آهي، اڪائونٽس ڊپارٽمينٽ بہ تصديق ڪئي آهي

ملتان (اي پي پي) ريلوي واري وفاقي وزير محمد حنيف عباسي چيو آهي تہ پاڪستان ريلوي ۾ سڌارن جي نتيجي ۾ سالي ڪارڪردگي ۾ نمايان بهتري آئي آهي گذريل مالي سال ريلوي جي آمدني 88 ارب رپين مان وڌي 115 ارب رپين تائين پهچي وئي جڏهن تہ فريٽ آمدني ۾ بہ 28 سيڪڙو اضافو ٿيو آهي ملتان ۾
بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

CLASSIFIED ADVERTISMENT

ڪورٽ نوٽيس
عدالت ۾ جناب فيملي جج جامشورو
فيملي سوٽ نمبر سال 2026
مسمات سلميٰ.. پلينٽف بخلاف علي انور بروڙو ولد قادر بخش بروڙو رهندڙ گليمار ڪالوني نزد بگهيو پيٽرول پمپ ڪي اين شاهه ضلعو دادو.....ڊفينڊنٽس
.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار مينٽيننس آف پلينٽف اينڊ مائنر لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 26-08-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
فيملي جج جامشورو

ڪورٽ نوٽيس
عدالت ۾ جناب فيملي جج جامشورو
ايگزيڪيوشن درخواست نمبر 46 سال 2025
فيملي سوٽ نمبر 146 سال 2026
مسمات شيران ميربحر.. پلينٽف بخلاف عبدالرحمن ولد علي اڪبر ذات ميربحر رهندڙ پٽائي ڪالوني سائيٽ ڪوٽڙي ضلعو جامشورو.....ڊفينڊنٽس
.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف ايگزيڪيوشن لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 28-08-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾
فيملي جج جامشورو

ڪورٽ نوٽيس
عدالت ۾ جناب فيملي جج جامشورو
فيملي سوٽ نمبر سال 2026
مسمات ماروي جاويد شيخ.. پلينٽف بخلاف محمد بچل ولد محمد قاسم قل رهندڙ ايئرپورٽ روڊ گلشن مدينه نزد پٽائي ڪار پارڪنگ لاڙڪاڻو.....ڊفينڊنٽس
.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف نڪاح ٽوڙائڻ ، پاسٽ مينٽيننس رڪوري ڏاوري آرٽيڪلز لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 28-08-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
فيملي جج جامشورو

ڪورٽ نوٽيس
عدالت ۾ جناب فيملي جج جامشورو
فيملي سوٽ نمبر سال 2026
مسمات خوشبو.. پلينٽف بخلاف ارشد علي ولد محمد شريف معرفت محمد شريف ذات قمبراڻي رهندڙ خدا جي بستي نمبر2 ڪوٽڙي ضلعو جامشورو.....ڊفينڊنٽس
.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف نڪاح ٽوڙائڻ رڪوري 03 مهينن جو عدت پيرڊ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 25-08-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
فيملي جج جامشورو

ڪورٽ نوٽيس
عدالت ۾ جناب فيملي جج جامشورو
فيملي سوٽ نمبر سال 2026
مسمات واحد چانڊيو.. پلينٽف بخلاف اسماعيل ولد محمد ادريس رهندڙ ڳوٺ خيمون ديهه ويرا واهه تعلقو نگر پارڪر ضلعو ٿرپارڪر ايٽ مٺي.....ڊفينڊنٽس
.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف نڪاح ٽوڙائڻ ۽ مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 29-08-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
فيملي جج جامشورو

ڪورٽ نوٽيس
عدالت ۾ جناب ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج II جامشورو
سڪسيشن درخواست نمبر 36 سال 2026
(1) مسمات حامدي بيواهه محمد سليم (2) رضيه (3) فرزانه (4) شاهده (5) شاهه (6) انور (7) رخسانه (8) ڪلثوم سڀ پٽ ڌيئرون محمد سليم ذات جويو رهندڙ ڳوٺ لهڙي ڪي اين شاهه ضلعو دادو حال رهندڙ گهر نمبر 09 سبحان الله ڪالوني ڪوٽڙي .. ايپليڪينٽ...بخلاف (1) جنرل پبلڪ ايٽ لارج (2) مينيجر ايڇ بي ايل ڪوٽڙي برانچ (2) مينيجر ايڇ بي ايل ڪي اين شاهه .....اپوننٽس
.مٿين اپوننٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ سڪسيشن درخواست زير قلم 372 سڪسيشن ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي جيڪي برابري ڇڏي آهي فوتي محمد سليم ولد عبدالحليم جويو شناختي ڪارڊ نمبر 4120318751459 برابري ۾ اڪائونٽ نمبر 16697901533603 ايڇ بي ايل ڪوٽڙي برانچ رقم -/1605011 روپيا اڪائونٽ نمبر 16697901538980 ايڇ بي ايل برانچ ڪي اين شاهه رقم -/5200000 روپيا ٻئي درخواست زير قلم 32 رول 3 آر ڊبليو S-151 سي پي سي تحت داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 24-08-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج II جامشورو

ڪورٽ نوٽيس
عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاکي)
فيملي سوٽ نمبر 286 سال 2026
مسمات آمنه ڌيءُ محمد سيال رهندڙ سبزي منڊي رحمت ٽائون ڪالوني نوابشاهه.. پلينٽف بخلاف شاهد ولد الله ڏنو رهندڙ ڳوٺ گل حسن سيال تعلقو دوڙ ضلعو شهيد بينظير آباد 03083868002.....ڊفينڊنٽس
.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 27-08-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
فيملي جج شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس
عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاکي)
فيملي سوٽ نمبر 327 سال 2026
مسمات ثمينه بيبي ڌيءُ مراد شاهه رهندڙ مري چوڪ سوسائٽي نوابشاهه.. پلينٽف بخلاف عمران علي ولد محبت رهندڙ چار صاحب رهندڙ عبدالله شاهه ڪالوني نوابشاهه 03282370554.....ڊفينڊنٽس
.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف نڪاح ٽوڙائڻ ۽ مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 24-08-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
فيملي جج شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس
عدالت ۾ جناب سول جج اينڊ جي ايم II دوڙ
(روبرو جناب عنايت علي ميمڻ)
فيملي سوٽ نمبر 51 سال 2026
شريمتي پوجا ڌيءُ پيرو ڀيل رهندڙ ڪرنل اسٽاپ چڪ نمبر 04 تعلقو دوڙ .. پلينٽف بخلاف رتنا ولد Lambho رهندڙ ڳرنگ بنگلو قاسم فقير مهر تعلقو سانگهڙ ضلعو سانگهڙ.....ڊفينڊنٽس
.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف جوڊيشنل سيپريشن ۽ مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 27-08-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
سول جج اينڊ جي ايم II دوڙ

ڪورٽ نوٽيس
عدالت ۾ جناب ڊسٽرڪٽ جج شهيد بينظير آباد
سڪسيشن درخواست نمبر 68 سال 2026
(1) مسمات غنويٰ بيواهه مرحوم غلام سرور (2) سرمد (3) دلشاد بيءِ پٽ غلام سرور مائنر رهندڙ ڳوٺ الله بخش چانڊيو ديهه 23 تعلقو سڪرنڊ ضلعو شهيد بينظير آباد .. ايپليڪينٽ.. بخلاف. (1) مينيجر يو مائيڪرو فنانس بينڪ نوابشاهه (2) اسسٽنٽ ڊائريڪٽر / انچارج نادرا نوابشاهه (3) جنرل پبلڪ.....اپوننٽس
.مٿين اپوننٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ سڪسيشن درخواست زير قلم 370 ۽ 372 سڪسيشن ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي سيڪشن 5(B) & 2(B) سنڌ ليٽر آف ايڊمنسٽريشن تحت سڪسيشن سرٽيفڪيٽ حاصل ڪرڻ لاءِ جيڪي برابري ڇڏي آهي مرحوم غلام سرور ولد غلام قادر جهڻ سونا زيور فنانسنگ اڪائونٽ نمبر U-331300 يو مائيڪرو فنانس بينڪ نوابشاهه تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 24-08-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
ڊسٽرڪٽ جج شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس
عدالت ۾ جناب سيڪنڊ سول/ فيملي جج مورو
(روبرو جناب جميل مصطفيٰ انصاري)
گارڊين سوٽ نمبر 45 سال 2026
مسمات مختيار بانو بيواهه علي شير ذات بروڙو رهندڙ ڳوٺ قادر بخش بروڙو تعلقو مورو. ايپليڪينٽ بخلاف (1) جنرل پبلڪ(1) حسنين ولد مرحوم علي شير. اپوننٽس
.مٿين اپوننٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ گارڊين درخواست زير قلم 7.10.29 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 25-08-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
سيڪنڊ سول/ فيملي جج مورو

ڪورٽ نوٽيس
عدالت ۾ جناب سول /فيملي جج IV ٽنڊو محمد خان
فيملي سوٽ نمبر 19 سال 2026
مسمات فوزيه ڌيءُ خير محمد رهندڙ راڄو نظاماڻي ٽنڊو محمد خان.. پلينٽف بخلاف اسامه ولد حڪيم جمالي رهندڙ ڳوٺ شير خان جمالي ٽنڊو محمد خان....ڊفينڊنٽس
.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 27-08-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
سول /فيملي جج IV ٽنڊو محمد خان

ڪورٽ نوٽيس
عدالت ۾ جناب فرسٽ سينئر سول جج ٽنڊوالهيار
ايف سي سوٽ نمبر 106 سال 2026
اسد علي ولد محمد جمن رهندڙ نصرپور تعلقو ضلعو ٽنڊوالهيار.. پلينٽف..بخلاف (1) چيئرمين نادرا اسلام آباد (2) ريجنل مينيجر نادرا ڪراچي (3) اسسٽنٽ مينيجر نادرا ٽنڊو الهيار (4)ٽائون ڪاميٽي نصرپور (5) جنرل پبلڪ ايٽ لارج.....ڊفينڊنٽس
.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف سوٽ فار ڊڪلريشن ، ڪريڪشن اينڊ مينڊيٽري انجڪشن لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 24-08-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
فرسٽ سينئر سول جج ٽنڊوالهيار

عام اطلاع
جيئن ته نالي مسمات سبحان خاتون بيواهه علي نواز ڏاهري ويٺل ڳوٺ حيات ڏاهري تعلقو و ضلعو مٽياري جي اسان جي آفيس ۾ درخواست ڏني آهي ته سندس گهرواري علي نواز ولد خدائنو ڏاهري جيڪو ورڪس اينڊ سروس کاتي ۾ حاضر ورڪ مستري هو ۽ فقه سني جو مسلمان هو جيڪو تاريخ 01-08-2026 تي فوت ٿي ويو آهي جنهنجي هيٺين جائز وارثن جي نالي وارثي سرٽيفڪيٽ جاري ڪري ڏنو وڃي (1) مسمات سبحان خاتون (بيواهه) (2) عبدالحميد ڏاهري (پٽ) (3) عبدالحميد ڏاهري (پٽ) (4) زبيده ڏاهري (نياڻي) (5) حميده ڏاهري (نياڻي) (6) عابده ڏاهري (نياڻي) (7) سهڻي ڏاهري (نياڻي) (8) بشريٰ ڏاهري (نياڻي) (9) مسمات مريم ڏاهري (والده) جڏهن ته اهڙي تصديق ٻن شاهدن هر هڪ نالي (1) سجاد علي ولد محمد ملڻ ڏاهري ۽ جنسار علي ولد غلام قادر ڏاهري جن پڻ اسان جي روبرو ڪئي آهي جنهنڪري هر خاص و عام کي اطلاع ڏنو ٿو ڪجي ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي فوتي جي مٿين وارثن بابت ڪو به اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ستن ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري مدي گذري وڃڻ بعد ڪو به اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو ۽ قانون موجب فوتي جي مٿين جائز وارثن جي نالي وارثي سرٽيفڪيٽ جاري ڪري ڏنو ويندو
مختيارڪار روينيو تعلقو مٽياري

عام اطلاع
هرعام وخاص کي آگاهه ٿو ڪجي ته نالي جبران احمد ولد سليم احمد شناختي ڪارڊ نمبر 4130374667655 هڪ عدد پلاٽ نمبر C-28 بلاڪ سي ايراضي 120 گز واقع گلشن زيل پاڪ ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي حيدرآباد ان پلاٽ جي فروخت جو سودو بلال لطيف ولد محمد بوٽا شناختي ڪارڊ نمبر 4440241503279 سان ڪيو آهي اگر ڪنهن به شخص يا اداري کي ان سودي بابت ڪو به اعتراض هجي ته هن اشاعت جي شايع ٿيڻ جي 07 ڏينهن اندر چيئرمين سوسائٽي کي دستاويزي ثبوتن سميت رابطو ڪري ٻي صورت ۾ معياد گذرڻ ڪانپوءِ ڪو به اعتراض قابل قبول نه هوندو ۽ مذڪوره پلاٽ درخواستگذار جي نالي تي ٽرانسفر ڪيو ويندو
چيئرمين گلشن زيل پاڪ ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي لطيف آباد حيدرآباد

عام اطلاع
هر خاص ۽ عام کي اطلاع ٿو ڏجي ته عرضدار الهورايو ولد لعل محمد رهندڙ ڳوٺ حاجي راڄل تعلقو حيدرآباد اسان کي درخواست ڏني آهي ته سندس نالي گلاب ولد حاجي الهورايو تاريخ 01-01-1992 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي نالي تي زرعي زمين سروي نمبر 189،187،188،186 ايراضي حصي موجب ديهه ٽماڇاڻي جاگير تپو ٽنڊو قيصر تعلقو حيدرآباد ۾ آهي جنهن جا فوتي کاتي تبديل ڪري ڏنا وڃن فوتي فوت ٿيڻ ڪانپوءِ هيٺ ڄاڻايل قانوني ۽ حقيقي وارث ڇڏيا آهن اهڙي گواهي ٻن گواهن جلسه عام بيان ۾ ڏني آهي (1) لعل محمد (پٽ) (2) محمد حسن (پٽ) (3) زينب (ڌي) لعل محمد مورخه 12-04-15 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جا وارث(1) الهورايو (پٽ) (2) خدابخش (پٽ) (3) عابد علي (پٽ) (4) رضوانه (ڌي) (5) سلطانه (ڌي) عابد علي مورخه 12-06-2024 تي فوت ٿي ويو جنهن جا وارث (1) الهورايو (ڀاءُ) (2) خدابخش (ڀاءُ) (3) رضوانه (ڀيڻ) (4) سلطانه (ڀيڻ) جي نالن تي فوتي کاتا تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿين وارثن ڪانسواءِ فوتي جو ٻيو ڪوبه جائز وارث هجڻ جي دعويٰ ڪري ٿو يا ڪنهن کي فوتي کاتا تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (7) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع جڪراڪاٽ ميرپور خاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري. معياد گذرڻ بعد فوتي کاتو تبديل ڪيو ويندو ۽ ڪوبه اعتراض يا دعويٰ قابل قبول نه هوندو
مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

عام اطلاع
هرعام وخاص کي آگاهه ٿو ڪجي ته اڪبر علي ولد شريف خواجه ۽ ٻيا سروي نمبر 53،54،55،56،57،58،51 ٽوٽل ايراضي 2/3 35-06 ايڪڙ انٽري نمبر 50 ديهه Barosari تعلقو ميرپورساڪرو ضلعو ٺٽو Regularization of Remanded/ Refered لاءِ ثبوتن سميت درخواست ڏني آهي 15 ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ اعتراض داخل ڪن ٻي صورت ۾ ڪارروائي مڪمل ڪئي ويندي
ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر II ٺٽو

عام اطلاع
هرعام وخاص کي آگاهه ٿو ڪجي ته مرحوم شريف ولد ڏنو خواجه ۽ ٻيا سروي نمبر 177/1, 178/7 ٽوٽل ايراضي 03.00 ايڪڙ انٽري نمبر 56 ديهه Barosari تعلقو ميرپورساڪرو ضلعو ٺٽو Regularization of Remanded/ Refered لاءِ ثبوتن سميت درخواست ڏني آهي 15 ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ اعتراض داخل ڪن ٻي صورت ۾ ڪارروائي مڪمل ڪئي ويندي.
ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر II ٺٽو

بقايا 1 'روزاني عبرت'

زرعي شعبي جي سڌارن ۽ شعبي جي ترقي لاءِ حڪومت جي پاليسي قدمن تي عملدرآمد جي حوالي سان جائزو وارو اجلاس چنچر ڏينهن منعقد ٿيو وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ مان جاري بيان موجب وزيراعظم اجلاس کي خطاب ڪندي چيو ته في ايڪڙ پيداوار ۾ واڌ لاءِ ننڍي ۽ وچولي درجي جي آبادگارن کي هر قسم جي مدد فراهم ڪرڻ حڪومت جي پهرين ترجيحن ۾ شامل آهي هن سرٽيفائيڊ ڪمپنين طرفان آبادگارن کي معياري ٻج جي فراهمي يقيني بڻائڻ ۽ سمورن اسٽيڪ هولڊرز کي اعتماد ۾ وٺي فصلن جي پيداوار جي قومي سطح تي ڪاٿي لاءِ جامع پلان جوڙڻ ۽ زرعي شعبي جي ترقي لاءِ زرعي تحقيقي ادارن کي وڌيڪ فعال بڻائڻ جي هدايت ڪئي

بقايا 2 'روزاني عبرت'

هنن جي آمريڪي ڊسٽرڪٽ جج جينيٽ ورگاس 61 صفحن تي ٻڌل فيصلي ۾ قرار ڏنو آهي ته ويزا پابندي واضح طور تي غيرقانوني آهي ۽ وفاقي اميگريشن قانون سان ٽڪرار ۾ آهي عدالت چيو ته ان پاليسي ذريعي پرڏيهي وزير مارڪو روبيو پنهنجي قانوني اختيارن کان اڳيان وڌي ويو جنوري ۾ لاڳو ٿيل ان پاليسي تحت درخواست گذار جي قوميت جي بنياد تي اميگرنٽ ويزا جاري ڪرڻ جو عمل مڪمل طور تي ختم ڪيو ويو هو ان پابندي سان پاڪستان ۽ بنگلاديش سميت لاطيني آمريڪا، بلقان آفريقا، وچ اوڀر ۽ ڪيريبين جا ڪيترائي ملڪ متاثر ٿيا جج جينيٽ ورگاس اهو فيصلو پرڏيهه ۾ رهندڙن جي حقن وارين تنظيمن ويزا درخواست گذارن ۽ انهن آمريڪي شهرين پاران داخل ڪيس ۾ ٻڌايو جن متاثر ملڪن مان پنهنجي خاندانن کي آمريڪا گهرائڻ لاءِ درخواستون ڏنيون هيون

بقايا 3 'روزاني عبرت'

جي ٺهرائن موجب حل ڪيو وڃي ڪشميري عوام کي خوداراديت واري حق کان محروم رکڻ عالمي اصولن جي ڀڃڪڙي آهي آمريڪي سفير جو ڪشمير کي ڀارت جو حصو قرار ڏيڻ ڳڻتي جو سبب آهي آمريڪا ڪشمير مسئلي تي پنهنجي تاريخي پاليسي ۽ اصولي موقف برقرار رکي، ڪشمير مسئلي جو حل ڪشميري عوام جي خواهشن ۽ شموليت کان سواءِ ممڪن ناهي جاري بيان ۾ مشعال ملڪ چيو ته ڪشمير هڪ امڪاني ايٽمي فليش پوائنٽ آهي عالمي برادري سنجيدگي جو مظاهرو ڪري، صدر ٽرمپ پاڪ ڀارت چڪتاڻ ۾ جنگ بندي لاءِ اهم ڪردار ادا ڪيو خطي ۾ پائيدار امن لاءِ ڪشمير مسئلي جو حتمي حل اڻٽر آهي مشعال ملڪ چيو ته امريڪا عالمي امن انساني حقن ۽ گڏيل قومن جي ٺهرائن جي اصولن سان بيهي ڪشمير ۾ پائيدار امن لاءِ پاڪستان، ڀارت ۽ ڪشميري قيادت کي ڳالهين ۾ شامل ڪيو وڃي مشعال ملڪ چيو ته ڪشميري عوام جي خوداراديت واري حق کي نظر انداز ڪري ڪشمير مسئلي جو حل نٿو ڪڍي سگهجي عالمي برادري ڪشمير ۾ امن انساني وقار ۽ خوداراديت واري حق جي حمايت ڪري

بقايا 4 'روزاني عبرت'

عدالت جي جاپاني صدر ٽوموواڪاني پاران خلاف آمريڪي پابنديون لاڳو ٿيڻ ڪانپوءِ بين الاقوامي قانون جي حڪمراني جي خاتمي کان خبردار ڪيو پرڏيهي ميڊيا مطابق اڪاني ايڪس تي جاري هڪ بيان ۾ چيو ته سونڪي ڪنهن حد تائين ان پابندي جي توقع هئي جيڪا هن پيرين سون تي لاڳو ڪئي وئي آهي ان ڪري سون کي ڪا حيرت ناهي ٿي هن وڌيڪ چيو ته سڀني کان اهم ڳالهه اها آهي ته اسان ان کي بين الاقوامي قانون جي حڪمراني جي خاتمي جي شروعات نه بڻجڻ ڏيون گڏيل قومن يورپي يونين ۽ جاپان ارڄ ڏينهن اڪاني جي حمايت جو اظهار ڪيو هو جڏهن آمريڪا هن تي پابنديون لڳايون هيون

بقايا 5 'روزاني عبرت'

طرفان سلمان اڪرم راجا ۽ عُزير ڀنڊاري طرفان داخل ڪرايل درخواست ۾ سپريم ڪورٽ جي 18 آگسٽ 2026ع واري حڪم نامي جي مبينا ڀڃڪڙي تي توهين عدالت جي ڪارروائي شروع ڪرڻ جي گذارش ڪئي وئي آهي

بقايا 6 'روزاني عبرت'

آهن پرڏيهي خبررسان اداري مطابق اسرائيلي وزيراعظم جي گرفتاري جا وارنٽ جاري ڪرڻ جو اعلان ترڪيه جي انصاف واري وزير اڪن گرلڪ سوشل ميڊيا پليٽ فارم ايڪس تي ڪيو هن ٻڌايو ته اهي وارنٽ اسرائيل پاران غزه لاءِ امدادي سامان کڻي ويندڙ هڪ ساموندي قافلي کي روڪڻ جي معاملي جي جاچ جي حصي طور جاري ڪيو ويو آهي اڪن گرلڪ ايڪس تي جاري بيان ۾ وڌيڪ چيو ته اسان ان خيال کي قطعي طور تي رد ڪريون ٿا ته غزه ۾ نسل ڪشي جي پاليسي تي عمل ڪندڙ نيتن ياهو جي حڪومت قانون کان معافي آهي ۽ ان کي پنهنجي اعمال جو جواب نه ڏيڻو پوندو اسان غزه ۾ ڪيل ڏوهن کي لڪائڻ يا ان جي ذميوارن کي سزا کان بچائڻ جي اجازت نه ڏينداسين اسان قومي ۽ عالمي قانون تحت حاصل سمورا امڪاني قانوني قدم کڻنداسين ترڪيه جي انصاف واري وزير وڌيڪ چيو ته ترڪيه فلسطين جي عوام مظلومن ۽ انسانيت جي اجتماعي ضمير سان مضبوطيءَ سان بيٺل رهندو هن جو چوڻ هو ته ترڪيه ان ڳالهه کي يقيني بڻائڻ لاءِ ان عزم سان سمورا ضروري قدم کڻندو ته انسانيت خلاف ڏوهه ڪندڙن کي قانون آڏو جوابده بڻايو وڃي

بقايا 7 'روزاني عبرت'

انتظامي يونٽن جو قيام ضروري آهي ڪراچي ايئرپورٽ تي قائم سرڪاري ڊسپينسري جي توسيعي منصوبي جو سنگ بنياد رکڻ واري تقريب کي خطاب ڪندي سيد مصطفيٰ ڪمال چيو ته گذريل 18 سالن دوران وفاق پاران سنڌ حڪومت کي 42 هزار ارب روپيا ڏنا ويا، پر ان باوجود ڪراچي سميت سڄي سنڌ سنگين مسئلن جو شڪار آهي هن چيو ته ملڪ جي 26 ڪروڙ آبادي لاءِ صرف چار صوبا ڪافي ناهن ملڪ ۾ وڌيڪ انتظامي يونٽن جي ضرورت آهي مصطفيٰ ڪمال چيو ته ڪراچي سميت سڄو سنڌ انتظامي ۽ حڪمراني جي مسئلن جو شڪار آهي ملڪ کي بچائڻ لاءِ نون انتظامي يونٽن جو قيام ضروري آهي هن واضح ڪيو ته هو سنڌ جي ورهاڱي جي ڳالهه نٿو ڪري، پر بهتر حڪمراني ۽ انتظامي نظام جي ضرورت تي زور ڏئي رهيو آهي سندس چوڻ هو ته ماضي ۾ ڪراچي کي 300 ارب روپين سان هڪ مثالي شهر بڻايو ويو هو پر موجوده نظام ناڪام ٿي چڪو آهي مصطفيٰ ڪمال الزام لڳايو ته جعلي ڊوميسائل ذريعي ڪوٽا تي نوڪرين تي قبضو ڪيو وڃي ٿو ۽ ڪنهن هڪ نوجوان کي به سرڪاري نوڪري نه ڏني وئي هن چيو ته آئين ۾ نوان صوبا ٺاهڻ جو طريقو موجود آهي ۽ ان تي ڳالهائڻ ڪا ڪفر جي ڳالهه ناهي وفاقي وزير چيو ته 1973ع جي آئين ۾ ڪيتريون ئي ترميمون ٿي چڪيون آهن، جيڪي ان ڳالهه جو ثبوت آهن ته نظام ۾ سڌارن جي گنجائش موجود آهي هن چيو ته "جيڪا ڳالهه مان ڪري رهيو آهيان، ان ۾ ڪشمور جو به ڀلو آهي سنڌ ۾ منهنجا ماءُ پيءُ دفن آهن ۽ مون کي به هتي ئي دفن ٿيڻو آهي، اسان کي هن ڌرتي جو احساس آهي، تمام جلد ماڻهو خوشحالي ڏسندا."

بقايا 8 'روزاني عبرت'

طرفان سلمان اڪرم راجا ۽ عُزير ڀنڊاري طرفان داخل ڪرايل درخواست ۾ سپريم ڪورٽ جي 18 آگسٽ 2026ع واري حڪم نامي جي مبينا ڀڃڪڙي تي توهين عدالت جي ڪارروائي شروع ڪرڻ جي گذارش ڪئي وئي آهي

بقايا 9 'روزاني عبرت'

هڪ مذاق آهي سرڪاري خدمتن ۽ معلومات تائين رسائي مصطفيٰ ڪمال جي 'ترقي' جي نعري تي سخت رد عمل ظاهر ڪندي، سنڌ حڪومت جي ترجمان سعديه جاويد چيو آهي ته هو پاڻ اهڙي وزارت ۾ ويٺو آهي جيڪا بنيادي طور تي هڪ صوبائي معاملو آهي، تنهن ڪري جيڪي ماڻهو اختيار جي نعرو لڳائي رهيا آهن انهن کي پهريان پنهنجي وزارت تي نظر وجهڻ گهرجي. سعديه جاويد چيو ته صوبائي کاتو سنڀالڻ دوران اختيار جي ڳالهه ڪرڻ هڪ مذاق آهي هن وڌيڪ چيو ته مصطفيٰ ڪمال جو اختيار جو نعرو کليل تضاد ۾ آهي، جڏهن ته وفاق کي پهريان پنهنجي رويي ۽ سنڌ سان ڪيل واعدن جو حساب ڏيڻ گهرجي. سنڌ حڪومت جي ترجمان چيو ته حيدرآباد-سکر موٽر وي سالن کان التوا جو شڪار آهي، پر وفاق جي ترجيحن ۾ سنڌ اڃا تائين نظرانداز آهي ٻئي طرف هن منصوبي کي مڪمل ڪرڻ ڪانسواءِ سيالڪوٽ-لاهور لاءِ نئين موٽر وي لاءِ فنڊ فراهم ڪيو پيو وڃي سرڪاري خدمتن ۽ معلومات تائين رسائي سعديه جاويد وڌيڪ چيو ته حيدرآباد-سکر موٽر وي کي مڪمل ڪرڻ ڪانسواءِ سيالڪوٽ-لاهور لاءِ نئين موٽر وي کي فنڊ ڏيڻ وفاقي ترجيحن ۽ ٻٽي معيار بابت سنگين سوال پيدا ڪري ٿو سنڌ حڪومت جي ترجمان چيو ته ڪراچي جي بندرگاهن کان حيدرآباد ۽ سکر تائين مکيه زميني رابطي جي خراب حالت عوام مسافرن ۽ ڪاروبار لاءِ مسلسل مشڪلاتون پيدا ڪري رهي آهي سعديه جاويد وڌيڪ چيو ته هڪ طرف منتقلي جا نعرا لڳايا پيا وڃن جڏهن ته ٻئي طرف سنڌ جي ڊگهي عرصي کان هلندڙ انفراسٽرڪچر منصوبن کي مسلسل نظرانداز ڪيو پيو وڃي وفاقي حڪومت جو اهو رويو صوبي ۾ محرومي جي احساس کي وڌيڪ وڌائي رهيو آهي

بقايا 10 'روزاني عبرت'

گهٽ 14 ڄڻا مارجي ۽ 121 زخمي ٿي پيا. پرڏيهي ميڊيا مطابق اختيارين ٻڌايو ته زخمين ۾ 5 ٻارن سميت 29 ماڻهن جي حالت ڳڻتي جوڳي آهي يوڪرين جي صدر ولاديمير زيلنسڪي ٻڌايو ته شاپنگ سينٽر کي ٻن مرحلن ۾ ڊرون حملن جو نشانو بڻايو ويو هن چيو ته ٻيو حملو پهرين حملي جي اٽڪل اڌ ڪلاڪ بعد امدادي ڪارڪنن کي نشانو بڻائيندي ڪيو ويو زيلنسڪي حملي کي دهشتگردي جي ڪارروائي قرار ڏيندي عالمي برادري کان ان جو مناسب جواب ڏيڻ جو مطالبو ڪيو

بقايا 11 'روزاني عبرت'

بئريسٽر مرتضيٰ وهاب وفاقي بي انڊسٽريل ايريا ۾ 860 ملين روپين جي ماليت جي ترقياتي منصوبن جو سنگ بنياد رکي چڪو ان موقعي تي سٽي ڪائونسل جا ميمبر چونڊيل نمائندا، صنعتڪار ۽ ڪي ايم سي جا آفيسر پڻ موجود هئا.

بقايا 12 'روزاني عبرت'

سيد مراد علي شاهه چنچر ڏينهن ملير ۾ زير تعمير حسن سليمان ميموريل هاسپيٽل جو دورو ڪيو

بقايا 13 'روزاني عبرت'

اسماعيل ملاقات ڪئي، ان موقعي تي ڏرين دهشتگردي جي خاتمي، منشيات جي خاتمي وارين ڪوششن، سائبر ڪرائيم جي روڪٿام ۽ اميگريشن مينجمينٽ ۾ تعاون کي هٿي ڏيڻ تي اتفاق ڪيو ويو اجلاس ۾ ٻنهي وزارتن وچ ۾ گڏيل ورڪنگ گروپ قائم ڪرڻ ۽ دهشتگردي، منشيات جي اسمگلنگ ۽ انساني اسمگلنگ کي منهن ڏيڻ لاءِ انٽيليجنس شيئرنگ جي طريقيڪار کي مضبوط بڻائڻ جو فيصلو ڪيو ويو گهرو وزارت مطابق ملائيشيا جي پرڏيهي وزير جو گهرو وزارت پهچڻ تي محسن نقوي شاندار استقبال ڪيو ۽ ساڻس ون آن ون ملاقات ڪئي

بقايا 14 'روزاني عبرت'

۾ اڻڄاتل هٿيارٻندن جي فائرنگ سبب ٻه ڄڻا مارجي جڏهن ته هڪ زخمي ٿي پيو پرڏيهي ميڊيا مطابق اهو واقعو مگڪونڊاناوڊيلسور ۾ پيش آيو جتي موٽرسائيڪلن تي سوار حملو ڪندڙن داتو سعودي امپاتوان علائقي ۾ ڪوٽاباٽو شهر وڃڻ واري گاڏي تي فائرنگ ڪري ڏني فائرنگ جي نتيجي ۾ 56 سالن جو ڊرائيور ۽ سندس 40 سالن ساٿي موقعي تي فوت ٿي ويا، جڏهن ته هنن سان گڏ سفر ڪندڙ هڪ پوڙهيت زخمي ٿي پيو جنهن کي علاج لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو پوليس واقعي جي جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي

بقايا 15 'روزاني عبرت'

ڪاميابي حاصل ڪندي، سنڌ حڪومت جي سنڌ اينيمل ڊيزيز سرويلينس سينٽر (SADSC)صوبي جي پهرين پالتو ٻلي جو سائنسي پوسٽ مارٽم ڪاميابيءَ سان مڪمل ڪري ورتو آهي

بقايا 16 'روزاني عبرت'

افتتاح ڪري چڪيو ان موقعي تي سٽي ڪائونسل جا ميمبر ڪراچي انسٽيٽيوٽ آف ڪڊني ڊزيز جي انتظاميا ڊاڪٽر پيرا ميڊيڪل اسٽاف ۽ ٻيا پڻ موجود هئا تقريب کي خطاب ڪندي ميئر ڪراچي بئريسٽر مرتضيٰ وهاب چيو ته گردن جي مريضن کي علاج ۽ ڊائلاسس جون سهولتون سندن گهرن ويجهو فراهم ڪرڻ لاءِ شهر جي مختلف گنجان آباد علائقن ۾ سيٽلائيٽ ڊائلاسس سينٽر قائم ڪرڻ جي ضرورت آهي هن چيو ته هو ان کان پهرين گنجان آباد علائقن جي نشاندهي ڪئي وڃي جتي پهرين مرحلي ۾ سيٽلائيٽ ڊائلاسس سينٽر قائم ڪري سگهجن هن چيو ته بنارس جي علائقي ۾ پل هيٺان سيٽلائيٽ سينٽر قائم ڪرڻ جي تجويز تي پڻ ڪم ڪيو وڃي جڏهن ته لانڍي ۽ ملير جي علائقن ۾ پڻ مناسب هنڌن جي چونڊ ڪري سگهجي ٿي ميئر ڪراچي چيو ته ڪي ايم سي جي اسپتالن ۾ پڻ جيڪڏهن سيٽلائيٽ ڊائلاسس سينٽر قائم ڪرڻ لاءِ جاءِ گهربل هجي ته باقاعده تجويز پيش ڪئي وڃي ڪي ايم سي هر ممڪن سهڪار ڪندي ۽ جاءِ فراهم ڪندي هن چيو ته سموريون سهولتون هڪ ئي هنڌ فراهم ڪرڻ بدران مختلف علائقن ۾ مرڪز قائم ڪرڻ سان مريضن لاءِ علاج تائين رسائي آسان ٿيندي ۽ شهرين کي ڊگهو سفر ڪرڻ جي مشڪلاتن مان ڇوٽڪارو ملندو هن چيو ته گردن جي مريضن جي خدمت هڪ اهم انساني ۽ فلاحي ڪم آهي هن شعبي ۾ ڪم ڪندڙ ادارن ۽ ماڻهن جي همت افزائي ڪئي ويندي ميئر ڪراچي چيو ته نوجوانن ۾ عوام ۽ معاشري جي خدمت جو جذبو ساراهڻ جوڳو آهي الله تعاليٰ کين صحت ۽ ڊگهي عمر عطا فرمائي ته جيئن هو وڌيڪ ماڻهن جي خدمت ڪري سگهن هن چيو ته ڪراچي انسٽيٽيوٽ آف ڪڊني ڊزيز سان گڏ ڪم ڪندڙ سمورن رضاڪارن کي ڪي ايم سي اچڻ جي دعوت ڏني وڃي، جيئن ساڻن ملاقات ڪري سندن همت افزائي ڪري سگهجي هن واضح ڪيو ته ڪي ايم سي هن فلاحي ڪم ۾ ڀائيوار آهي ۽ عوام کي بهتر طبي سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ هر ممڪن سهڪار جاري رکندي هن چيو ته اسان گڏجي ڪم ڪنداسين ته جيئن الله جي مخلوق جي بهتر نموني خدمت ڪري سگهجي ميئر ڪراچي ڪراچي انسٽيٽيوٽ آف ڪڊني ڊزيز جي انتظاميا ۽ منتظمين کي عوامي خدمت لاءِ ڪيل ڪوشش تي خراج تحسين پڻ پيش ڪيو

بقايا 17 'روزاني عبرت'

ذريعن موجب ٻنهي ادارن جا عارضي هيڊڪوارٽر اسلام آباد ايئرپورٽ تي قائم ڪيا ويندا، جنهن لاءِ پاڪستان ايئرپورٽس اٿارٽي ۽ سول ايوي ايشن اٿارٽي جي آفيسرن تي ٻڌل 7 رڪني گڏيل ڪميٽي جوڙي وئي آهي ڊپٽي ڊائريڪٽر جنرل ايئرپورٽس اٿارٽي صادق رحمان کي گڏيل ڪميٽي جو سربراهه مقرر ڪيو ويو آهي ڪميٽي اسلام آباد ايئرپورٽ تي عارضي هيڊڪوارٽرز جي تعمير لاءِ جاءِ جو تعين ڪندي ذريعن جو چوڻ آهي ته سول ايوي ايشن اٿارٽي کي نومبر جڏهن ته پاڪستان ايئرپورٽس اٿارٽي کي ڊسمبر تائين اسلام آباد منتقل ڪيو ويندو هن وقت پاڪستان سول ايوي ايشن اٿارٽي ۽ پاڪستان ايئرپورٽس اٿارٽي جا موجوده هيڊڪوارٽر ڪراچي ۾ قائم آهن جڏهن ته ٻنهي ادارن جون علائقائي آفيسون ڪراچي سميت ملڪ جي ٻين شهرن ۾ معمول موجب قائم رهنديون

بقايا 18 'روزاني عبرت'

245 تحت ڏني وئي، پاڪستاني فوج جون ٽي ڪمپنيون ڇهن مهينن جي عرصي دوران شهر ۾ مقرر رهنديون وفاقي ڪابينا اها منظوري پنجاب جي گهرو کاتي جي درخواست تي ڏني فوج امن امان برقرار رکڻ لاءِ ضلعي انتظاميا سان گڏجي ڪم ڪندي ۽ حساس هنڌن توڙي اهم شاهراهن تي سيڪيورٽي انتظامن کي وڌيڪ مضبوط بڻايو ويندو

بقايا 19 'روزاني عبرت'

ويا. پرڏيهي ميڊيا مطابق پوليس ٻڌايو ته جهاز چيڪ جمهوريه کان ڪروشيا جي ساموندي ڪناري واري شهر زادار وڃي رهيو هو ته مقامي وقت مطابق شام 4 لڳي 14 منٽن تي زادار جي اتر اوڀر ۾ ان جو ريڊار سگنل غائب ٿي ويو جنهن ڪانپوءِ وڏي پيماني تي سرچ اينڊ ريسڪيو آپريشن شروع ڪيو ويو پوليس، فائر فائٽرز ۽ جابلو ريسڪيو اهلڪارن ڊرونز جي مدد سان ڏکئي پاڪلينيتسا جي علائقي ۾ ڳولا شروع ڪئي خراب موسم سبب شروعاتي دير بعد رات اٽڪل 10 وڳي جهاز جو ملبو ۽ ٻنهي ماڻهن جا مڙهه مليا ويا حادثي جو سبب معلوم ڪرڻ لاءِ جاچ شروع ڪئي وئي آهي

بقايا 20 'روزاني عبرت'

بيان ۾ خاندان سان پيش ايندڙ ڪجهه شڪي معاملن بابت اهم انڪشاف ڪيا آهن جاچ دوران مير رضا جو پهرين پوسٽ مارٽم ڪندڙ ايم ايل او ڊاڪٽر اسامه شيخ کان پڻ پڇا ڳاڇا ڪئي وئي آهي

بقايا 21 'روزاني عبرت'

ميڊيا سان ڳالهائيندي وفاقي وزير چيو ته ڏيڍ سال اڳ پاڪستان ريلوي جي ذميواري سنڀالي ته ڪيترين ئي خامين موجود هيون جن کي گهٽ کان گهٽ ڪرڻ لاءِ عملي قدم کنيا ويا.

بقايا 22 'روزاني عبرت'

ڇاپن کندي ڪارروائين ۾ 3 ڪروڙ 83 لک روپين کان وڌيڪ ماليت جي 174.82 ڪلوگرام منشيات هٿ ڪري 7 جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو اي اين ايف ترجمان پاران جاري بيان مطابق ڪارروائين ۾ فيصل آباد ڪوريئر آفيس ۾ بحرين ويندڙ پارسل ۾ ڪپڙن مان 228 گرام آئيس هٿ ڪئي وئي تربت ڊسٽرڪٽ ڪيچ ويجهو ٽرڪ مان 125 ڪلوگرام آئيس هٿ ڪري ٻن جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو موٽر وي ٽول پلازه اسلام آباد ويجهو گاڏيءَ مان 168 ڪلوگرام چرس هٿ ڪري جوابدار کي گرفتار ڪيو ويو جي روڊ لاهور هائوسنگ سوسائٽي ويجهو رڪشا گهر مان مجموعي طور تي 10.8 ڪلو چرس هٿ ڪري جوابدار کي گرفتار ڪيو ويو حضرو ٽول پلازه اٽڪ ويجهو موٽر سائيڪل سوار جوابدار کان 6 ڪلو چرس هٿ ڪيو ويو لاهور ۾ 2 جوابدارن جي گاڏيءَ مان 4 ڪلو آئيس جڏهن ته ناردرن باءِ پاس ڪراچي ويجهو 12 ڪلو چرس هٿ ڪيو ويو ڪارروائين جو دهشتگردي جي خاتمي واري ايڪٽ 1997ع تحت ڪيس داخل ڪري جاچ شروع ڪئي وئي آهي

بقايا 23 'روزاني عبرت'

ٿي جنهن ۾ صحت ۽ تعميراتي شعبي سميت شهر جي مختلف معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي سينيٽر ايم ڪيو ايم اڳواڻ انيس قائم خاني پڻ وفاقي وزير سان گڏ موجود هو

بقايا 24 'روزاني عبرت'

پاليسي اختيار ڪرڻ جو مطالبو ڪيو اجلاس ۾ سنڌ حڪومت جو موقف هو ته حيدرآباد-سکر موٽروي ڪو نئون منصوبو نه پر ڪيترن ئي سالن کان التوا هيٺ رهندڙ هڪ پراڻو ۽ انتهائي اهم قومي منصوبو آهي

بقايا 25 'روزاني عبرت'

چڪتاڻ جاري آهي جنهن سبب آرمي سيڪريٽري پاران عهدو ڇڏڻ جو امڪان ظاهر ڪيو پيو وڃي رپورٽ مطابق هلندڙ گرمين جي موسم ۾ ڊين ڊرسڪول ۽ سندس ڪئنب پاٽين جوائنٽ بيس مائر-هينڊرسن هال ۾ آرمي سيڪريٽري لاءِ مخصوص گهر به خالي ڪري ڇڏيو آهي رپورٽ ۾ وڌيڪ ٻڌايو ويو ته اپريل ۾ دفاع واري وزير پيٽ هيگسٿ ڊمريڪي آرمي چيف جنرل رينڊي جارج کان عهدو ڇڏي فوري ريٽائرمينٽ وٺڻ لاءِ چيو هو پر ان جو ڪو سبب ناهي ٻڌايو ويو صدر ڊونلڊ ٽرمپ هن وقت تائين آرمي چيف جي مستقل متبادل کي نامزد ناهي ڪيو

بقايا 26 'روزاني عبرت'

خبردار ڪيو آهي ته چنچر جي رات ۽ 23 آگسٽ دوران تيز برساتن سبب اسلام آباد/ راولپنڊي، مردان صوابي گوجرانوالا، گجرات، سيالڪوٽ ۽ لاهور ۾ هيٺانهين وارن علائقن ۾ اربن فلڊنگ جو خدشو آهي ان دوران ڪشمير مري، گليات اسلام آباد/ راولپنڊي جي برساتي ندي نالن ۾ چاڙهه جو به خطرو آهي، خيبرپختونخوا جي جابلو علائقن گلگت بلتستان مري، گليات ۽ ڪشمير ۾ مٽيءَ جون ڇپون ڪرڻ جو خدشو آهي. موسميات کاتي مطابق اڄ (اڱر ڏينهن) پنجاب، اسلام آباد ڪشمير اتر اوڀر بلوچستان خيبر پختونخوا ۽ گلگت بلتستان ۾ تيز هوائن ۽ گجگوڙ سان برسات جو امڪان آهي ان دوران تيز برسات جو به امڪان آهي ملڪ جي ٻين علائقن ۾ موسم گرم ۽ گهميل رهندي گذريل 24 ڪلاڪن دوران اسلام آباد، پوٺوهار خطي اتر اوڀر پنجاب، سعائهين خيبرپختونخوا ڪشمير ۽ گلگت بلتستان ۾ تيز هوائن ۽ گجگوڙ سان برسات، ان دوران ڪجهه هنڌن تي تيز برسات به پئي ملڪ جي ٻين علائقن ۾ موسم گرم ۽ گهميل رهي چنچر ڏينهن رڪارڊ ڪيل وڌ ۾ وڌ گرمي پد نوڪنڊي، دالبندين 46، سبي ۽ دادو ۾ 43 ڊگري سينٽي گريڊ رڪارڊ ڪيو ويو

بقايا 27 'روزاني عبرت'

جي حملي جي نتيجي ۾ هڪ شخص مارجي ۽ ڪي ٻيا زخمي ٿي پيا. پرڏيهي ميڊيا مطابق پوليس ۽ مقامي اختيارين گڏيل پريس ڪانفرنس ۾ واقعي جي تصديق ڪئي پوليس مطابق حملي جو اطلاع ملڻ بعد اهلڪارن اسڪول ۾ داخل ٿي عمارت کي محفوظ بڻايو جتي هڪ شخص مئل حالت ۾ مليو جڏهن ته ٻي زخمي ٿيل ماڻهو پاڻ عمارت کان ٻاهر نڪري چڪا هئا. زخمين ۾ 18 سالن کان گهٽ عمر جا ٻه ڇوڪرا شامل آهن جن جي حالت ڳڻتي جوڳي پر مستحڪم آهي جڏهن ته هڪ شخص معمولي زخمي ٿيو پوليس ٻڌايو ته واقعي جي اٽڪل 10 منٽن بعد ڪارروائي ڪندي هڪ 18 سالن شڪي شخص کي گرفتار ڪيو ويو پوليس مطابق حملي ۾ هڪ کان وڌيڪ ماڻهن جي ملوث هجڻ جي شاهدي ناهي ملي

بقايا 28 'روزاني عبرت'

وارن شعبن ۾ سهڪار کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي ضرورت تي زور ڏنو آهي چنچر ڏينهن ايوان صدر جي پريس ونگ مطابق صدر مملڪت اها ڳالهه ملائيشيا جي گهرو وزير سيف الدين نصرالدين بن اسماعيل سان ايوان صدر ۾ ملاقات دوران ڪئي ملاقات ۾ گهرو معاملن ۽ منشيات جي روڪٿام وارو وفاقي وزير سيد محسن رضا نقوي پڻ موجود هو پاڪستان ۾ ملائيشيا جو هاءِ ڪمشنر محمد اظهر مزلان، رائل ملائيشيا پوليس جي اسپيشل برانچ جو ڊائريڪٽر ابراهيم داروس ۽ ملائيشيا جي جيل کاتي ۾ سڌارن جي بحالي بابت ڊپٽي ڪمشنر حفيظ عثمان سميت ٻيا عملدار پڻ معزز مهمان سان گڏ هئا ملائيشين وزير ۽ سندس وفد جي آجيان ڪندي صدر مملڪت چيو ته پاڪستان ملائيشيا سان پنهنجن ويجهن ۽ ڀائيپي وارن ناتن کي وڏي اهميت ڏيندو آهي جيڪي گڏيل ايمان، ثقافت، گڏيل احترام ۽ عوامي سطح تي مضبوط رابطن تي ٻڌل آهن صدر مملڪت ادارن جي سطح تي سهڪار کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ خاص ڪري اندروني سلامتي، اميگريشن ۽ قانوني ۽ عدالتي معاملن ۾ ٿيندڙ هاڪاري اڳڀرائين کي ساراهيو هن چيو ته ٻنهي ملڪن جي لاڳاپيل ادارن جي وچ ۾ مسلسل رابطي ۽ سهڪار سان انهن جي شهرين کي سهولت فراهم ڪرڻ ۽ گڏيل دلچسپي جي معاملن کي منهن ڏيڻ ۾ مدد ملندي ملاقات ۾ ٻطرفي واپار کي هٿي ڏيڻ متعلق معاملا پڻ بحث هيٺ آيا صدر مملڪت ملائيشيا ۾ پاڪستاني شين جي لاءِ وڌيڪ وسيع مارڪيٽ تائين پهچ جا امڪان ڳولڻ جي ضرورت تي پڻ زور ڏنو انهن شين ۾ چانور، پڪاني ڪڪڙ پولٽري ۽ جانورن جي خوراڪ سميت ملائيشيا ۾ طلب رکندڙ ٻيون شيون شامل آهن ملائيشيا جي گهرو وزير صدر مملڪت کي ٻڌايو ته 2026ع پاڪستان ۽ ملائيشيا جي وچ ۾ سفارتي لاڳاپن جي قيام جو 69 هون سال آهي، ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ سفارتي ناتا ملائيشيا جي آزادي بعد 1957ع ۾ قائم ٿيا هئا. هن چيو ته هن وقت پاڪستان جي مختلف شهرن ۽ ملائيشيا جي وچ ۾ هفتيوار 14 اڏامون هلي رهيون آهن جڏهن ته اڏامن جي انگ ۾ وڌيڪ اضافي لاءِ ڪوششون ڪيون پيون وڃن. صدر مملڪت ان اعتماد جو اظهار ڪيو ته ملائيشين وزير جو دورو ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ ادارن جي سطح تي رابطن کي وڌيڪ سگهارو ڪرڻ ۽ پاڪستان ۽ ملائيشيا جي پراڻن ۽ گهڻ رخن ناتن کي وڌيڪ مضبوط بنائڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندو

بقايا 29 'روزاني عبرت'

آهي پر اها رقم گڏيل قومن مطابق واشنگٽن تي ادائيگي جوڳي 4 ارب ڊالر کان وڌيڪ رقم جي 20 سيڪڙو کان به گهٽ آهي پرڏيهي ميڊيا مطابق آمريڪي انتظاميا ڪانگريس کي رقم جي ادائيگي جي ارادي کان آگاهه ڪري ڇڏيو آهي. ۾ آمريڪي اختيارين مطابق فنڊز جي منتقلي گڏيل قومن ۾ سڌارن جي سلسلي سان مشروط هوندي ۽ جمعي تائين ڪا رقم منتقل نه ڪئي وئي هئي. گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل انتونيو گوتريش هلندڙ سال اداري کي عدم ادائيگين سبب سنگين مالي بحران کان خبردار ڪيو هو ماهرن مطابق آمريڪي ادائيگي سبب گڏيل قومن کي فوري خرچن جي ڪٽوتين کان بچڻ ڪجهه عرصي تائين پگهارن سميت ضروري خرچا پورا ڪرڻ ۾ مدد ملي سگهي ٿي رپورٽ مطابق جيڪڏهن آمريڪا وڌيڪ ادائيگيون نه ڪندو ته جنوري ۾ گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي ۾ ان جي ووٽنگ جا حق متاثر ٿي سگهن ٿا آمريڪا گڏيل قومن جي بجيٽ ۾ سڀني کان وڏو حصو وجهندڙ ملڪ آهي جڏهن ته چين ٻئين نمبر تي آهي

بقايا 30 'روزاني عبرت'

ڪيو آهي ته صوماليا ۾ امداد ۾ ڪٽوتيون انساني بنيادن تي فراهم ڪيل خدمتن کي ڪم کان روڪڻ تي مجبور ڪري رهيون آهن پرڏيهي ميڊيا مطابق اهو سڀ اهڙي وقت ۾ ٿي رهيو آهي جڏهن ملڪ ۾ جاري ڏڪار ۽ وڌندڙ لڏپلاڻ جي بحران سان گڏ صوماليا موسمياتي بحران کي به منهن ڏئي رهيو آهي يونيسيف چيو ته جيئن هميشه ٿيندو آهي، ٻار ئي ان جي قيمت ادا ڪن ٿا صوماليا جي پنهنجي دوري ڪانپوءِ تنظيم جي ترجمان جيمز ايلڊر جنيوا ۾ صحافين کي ٻڌايو ته انساني امداد ۾ غير معمولي ڪٽوتين جي نتيجي ۾ اڳ ۾ ئي ڪيترائي غذائي ۽ صحتي مرڪز بند ٿي چڪا آهن تعليم ۽ تحفظ جهڙين ٻين خدمتن جي فراهمي ختم ٿي رهي آهي متوقع آهي ته اهو بحران جاري رهندو هن ان ڳالهه جي تصديق ڪئي ته شديد ترين غذائي کوٽ ۽ ان جي سونجهارن جي علاج لاءِ "اسٽيبلائزيشن سينٽرز" ۾ داخل ڪيل ٻارن جي انگ ۾ هلندڙ سال جي شروعاتي ڇهن مهينن ۾ گذريل سال جي ساڳئي عرصي جي ڀيٽ ۾ 32 سيڪڙو اضافو ٿيو آهي هن چيو ته بيمار ٻارن جي انگ ۾ اضافي سبب نه ۾ حفاظتي ۽ ڪميونٽي غذائي خدمتن ۾ کوٽ سبب ايئن ٿيو آهي

بقايا 31 'روزاني عبرت'

وزيراعظم محمد شهباز شريف جي صدارت هيٺ ملڪ ۾ تازين مون سون برساتن ۽ ان سبب ٿيل نقصانن جي حوالي سان اجلاس منعقد ٿيو چنچر تي وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان مطابق وزيراعظم تازين برساتن ۽ ٻوڏ سبب متاثر خاندانن جي مالي مدد جي هدايت ڪندي چيو ته ٻوڏ ۾ فوت ٿيل سمورن ماڻهن جي خاندانن جي مالي مدد ڪئي ويندي ۽ مڪمل ۽ جزوي طور تي تباهه ٿيل گهرن جي مالڪن جي به مالي مدد ڪئي ويندي، هن ٻوڏ سبب متاثر علائقن ۾ بجلي جي فراهمي جي نظام ۽ روڊ رستن جي بحالي جلدي مڪمل ڪرڻ جي به هدايت ڪئي وزيراعظم لاڳاپيل وفاقي وزيرن ۽ سيڪريٽريز کي متاثر علائقن ۾ وڃي برساتن سبب ٿيل نقصان جو پاڻ جائزو وٺڻ ۽ بحالي جو ڪم شروع ڪرائڻ ۽ متاثر علائقن ۾ امدادي ڪارروائين وڌيڪ تيز ڪرڻ جي هدايت ڪندي چيو ته انهن سمورن متاثر علائقن ۾ عام واهپي جون شيون ۽ ٻيو امدادي سامان جلدي پهچايو وڃي جتي پهچ نه هجڻ سبب امدادي سامان ناهي پهچي سگهيو وزيراعظم ايندڙ برساتن ۽ ٻوڏ کي نظر ۾ رکندي اين ڊي ايم اي ۽ صوبائي ڊيزاسٽر منجمينٽ اٿارٽين کي امدادي ڪارروائين لاءِ مڪمل طور تي تيار رهڻ جي هدايت ڪئي اجلاس ۾ وزيراعظم کي مون سون 2026ع جي اثرن ۽ صوبن ۽ اين ڊي ايم اي پاران امدادي ڪارروائين ۾ اڳڀرائي جي حوالي سان بريفنگ ڏني وئي جنهن ۾ ٻڌايو ويو ته ملڪ جي سمورن متاثر علائقن ۾ ٻوڏ متاثرن جي محفوظ هنڌن تي وقت سر منتقلي ڪئي وئي آهي وڌيڪ برساتن ۽ ٻوڏ کي نظر ۾ رکندي اين ڊي ايم اي ۽ صوبائي منيجمينٽ اٿارٽين جون ٽيمون عوام جي مدد لاءِ تيار آهن وزيراعظم کي ٻڌايو ويو ته سڄي ملڪ ۾ مون سون برساتن سبب متاثر علائقن ۾ هن وقت تائين مجموعي طور تي 615 ٽن امدادي سامان موڪليو ويو آهي ۽ وڌيڪ امدادي سامان موڪلڻ جي حوالي سان قدم کنيا پيا وڃن بريفنگ مطابق پنجاب، سنڌ، بلوچستان، خيبرپختونخوا گلگت بلتستان ۽ آزاد جمون ڪشمير ۾ برساتن ۽ ٻوڏ سبب متاثر علائقن ۾ انفراسٽرڪچر جي بحالي جو ڪم تيزي سان جاري آهي وزيراعظم کي ٻڌايو ويو ته اترين علائقن ۾ ارلي وارننگ سسٽم فعال آهن جنهن سبب ٻوڏ کان اڳ ڪيترن ئي شهرين کي محفوظ هنڌن تي منتقل ڪيو ويو اجلاس ۾ وفاقي وزير احسن اقبال، احد خان چيمو، شزا فاطمه خواجا، معين وٽو، ڊاڪٽر مصدق مسعود ملڪ، سردار اويس لغاري، چئني صوبن گلگت بلتستان ۽ آزاد جمون ڪشمير جا چيف سيڪريٽريز اين ڊي ايم اي جو چيئرمين ليفٽيننٽ جنرل انعام حيدر ملڪ ۽ مختلف ادارن جا اعليٰ عملدار شريڪ هئا.

بقايا 32 'روزاني عبرت'

معاشي ايڊجسٽمينٽ جي مرحلي مان گذري استحڪام حاصل ڪيو آهي، هي استحڪام آسانيءَ سان حاصل نه ٿيو معاشي استحڪام اسان جي منزل نه پر پائيدار معاشي ترقي طرف سفر جي شروعات آهي رٿابندي واري وزارت موجب اهڙو اظهار هن آگسٽ مهيني جي ماهوار ترقياتي رپورٽ جاري ٿيڻ جي موقعي تي خطاب ڪندي ڪيو هن چيو ته هي ماهوار ترقياتي اپ ڊيٽ عوام کي ملڪي معيشت جي موجوده صورتحال اڳڀرائي ۽ موجوده چئلينجز کان باقاعدگي سان آگاهه ڪرڻ جي عزم جو حصو آهي احسن اقبال چيو ته اڏام پاڪستان تحت معاشي استحڪام کي پائيدار معاشي تبديلي ۾ تبديل ڪرڻ اسان جي ترجيح آهي روانگي ۽ واپار کي معاشي ترقي جو اهم محرڪ بڻائڻ روزگار بهتر آمدني ۽ نوجوانن لاءِ وڌيڪ موقعا پيدا ڪرڻ چاهيون ٿا. وفاقي وزير چيو ته مالي سال 27-2026ع جي شروعات تي معيشت بابت همٿائيندڙ اهڃاڻ سامهون آيا آهن جولاءِ 2026ع ۾ مهانگائي جي شرح گهٽجي 9.2 سيڪڙو رهي جيڪا مئي ۾ 11.7 سيڪڙو هئي وفاقي وزير چيو ته مهانگائي ۾ مسلسل گهٽتائي ان ڳالهه جو اشارو آهي ته قيمتن جو دٻاءُ پنهنجي بلند ترين سطح عبور ڪري چڪو آهي ۽ هاڻي گهٽتائي طرف گامزن آهي حڪومت نيشنل پرائيس مانيٽرنگ ڪميٽي جي باقاعده اجلاسن ذريعي مارڪيٽ ۽ قيمتن جي مسلسل نگراني ڪري رهي آهي. ضروري شين جي قيمتن کي ضابطي ۾ رکڻ لاءِ وقت سر انتظامي قدم يقيني بڻايا پيا وڃن هن چيو ته جولاءِ 2026ع ۾ پرڏيهه ۾ رهندڙ پاڪستانين 3.6 ارب ڊالر ناڻو پاڪستان موڪليو جولاءِ 2026ع ۾ موڪليل ناڻي ۾ گذريل سال جي 3.2 ارب ڊالرن جي ڀيٽ ۾ 13 سيڪڙو واڌ ٿي آهي، احسن اقبال وڌيڪ چيو ته مالي سال 26-2025ع ۾ موڪليل ناڻو 41.6 ارب ڊالر رڪارڊ ڪيو ويو آهي جيڪو پرڏيهي شعبي ۾ معيشت جي مضبوط لچڪ جو ثبوت آهي پورهيتن پاران پرڏيهه مان موڪليل ناڻو پاڪستان جي متاستا جي ناڻي جي ذخيرن کي مضبوط ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو جيڪو پرڏيهه ۾ پاڪستانين جو قومي معيشت تي اعتماد جو اظهار آهي وفاقي وزير چيو ته صنعتي پيداوار بهتر رفتار پڪڙي آهي مالي سال 26-2025ع ۾ وڏين صنعتن جي پيداوار ۾ سراسري طور 5 سيڪڙو واڌ ٿي آهي جڏهن ته ان کان اڳ واري مالي سال ۾ وڏين صنعتن جي پيداوار ۾ 0.7 سيڪڙو گهٽتائي رڪارڊ ٿي هئي هن چيو ته مضبوط صنعتي شعبي جو مطلب وڌيڪ ملڪي پيداوار روزگار جا وڌيڪ موقعا ۽ روانگي واپار لاءِ وڌيڪ پيداوار پيدا ڪرڻ آهي لارج اسڪيل مينوفيڪچر جي پيداوار ۾ بحالي جو عمل وسيع بنيادن تي جاري آهي 22 مان 16 شعبن ۾ مثبت اوسر واري شرح رڪارڊ ٿي آهي آٽو موبائيل جي شعبي ۾ 57.8 سيڪڙو ٽرانسپورٽ اوزارن ۾ 42.4 سيڪڙو ۽ برقي اوزارن ۾ 14.3 سيڪڙو جي شرح رڪارڊ ٿي احسن اقبال وڌيڪ چيو ته مالي سال 27-2026ع جي شروعات تي پرڏيهي شعبي همٿائيندڙ ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪيو جولاءِ 2026ع ۾ شين جو روانگي واپار 9.4 سيڪڙو واڌ سان 3 ارب ڊالرن تائين پهچي ويو جولاءِ 2025ع ۾ شين جو روانگي واپار 2.8 ارب ڊالر هئي جيڪا جولاءِ 2026ع ۾ وڌي 3 ارب ڊالر ٿي وئي هن چيو ته جولاءِ 2026ع ۾ شين ۽ خدمتن جو مجموعي روانگي واپار 13 سيڪڙو واڌ سان 3.9 ارب ڊالر رهيو سرجيڪل شين جي روانگي واپار ۾ 16.3 سيڪڙو کاڌي پيتي جي شين ۾ 8 سيڪڙو چمڙي جي شين ۾ 7.8 سيڪڙو ۽ ٽيڪسٽائيل ۾ 3.9 سيڪڙو اضافو ٿيو آهي سروسز جي شعبي خاص ڪري آءِ ٽي روانگي واپار پاڪستان جي پرڏيهي آمدني جي صلاحيت کي مسلسل مضبوط ڪري رهيو آهي احسن اقبال چيو ته جولاءِ 2026ع ۾ آءِ سي ٽي روانگي واپار 417 ملين ڊالرن تائين پهچي وئي جيڪو ٽيڪنالاجي ۽ ڊجيٽل سروسز جي وڌندڙ امڪانن جي عڪاسي ڪري ٿو جولاءِ 2026ع ۾ شين ۽ سروسز جي آمدني واپار 13 سيڪڙو واڌ سان 7.3 ارب ڊالر رهيو هن چيو ته آمدني واپار ۾ اضافو ملڪي معاشي سرگرمين ۾ بهتري ۽ پيداواري ۽ سيڙپڪاري وارين شين جي وڌندڙ طلب جي عڪاسي ڪري ٿو جولاءِ 2026ع ۾ ڪرنٽ اڪائونٽ خسارو 328 ملين ڊالر رهيو جيڪو جولاءِ 2025ع جي 529 ملين ڊالرن جي ڀيٽ ۾ نمايان طور گهٽ آهي عالمي غير يقيني واري صورتحال باوجود پاڪستان جي پرڏيهي شعبي مسلسل لچڪ جو مظاهرو ڪيو آهي مالياتي استحڪام حڪومت جي معاشي سڌارن واري ايجنڊا جو اهم ٿنڀ آهي وفاقي وزير چيو ته جولاءِ 2026ع ۾ ايف بي آر جون ٽيڪس وصوليون 8.4 سيڪڙو واڌ سان 820.9 ارب روپين تائين پهچي ويون احسن اقبال چيو ته ملڪي وسيلن مان آمدني وڌائڻ ۽ ٽيڪس نظام کي مضبوط بڻائڻ لاءِ موثر قدم جاري آهن مضبوط مالياتي نظم ۽ ضبط سبب ملڪي مالياتي صورتحال ۾ نمايان بهتري آئي آهي هن چيو ته مالي سال 26-2025ع ۾ مالياتي خسارو جي ڊي پي جي 2.6 سيڪڙو تائين محدود رهيو جيڪو گذريل ٻن ڏهاڪن جو گهٽ ترين سطح آهي هن چيو ته اڏام پاڪستان تحت ترقياتي وسيلا وڌيڪ معاشي ۽ سماجي اثر رکندڙ منصوبن تي خرچ ڪيا پيا وڃن جولاءِ 2026ع ۾ رٿابندي واري وزارت ترجيحي ترقياتي منصوبن لاءِ 211.327 ارب روپيا يعني 21.1 سيڪڙو فنڊز جاري ڪيا آهن ترقياتي منصوبن لاءِ وقت سر مالي مدد يقيني بڻائڻ حڪومت جي ترجيح آهي وفاقي وزير چيو ته ترقياتي وسيلن جو استعمال واضح نتيجا وڌيڪ معاشي منافعي ۽ عوامي ڀلائي کي نظر ۾ رکي ڪيو پيو وڃي

بقايا 33 'روزاني عبرت'

۾ اضافو ٿيو پرڏيهي ميڊيا مطابق برينٽ ڪچي تيل جي قيمت 61 سينٽ اضافي سان 94.39 ڊالر في بيرل ٿي وئي جڏهن ته آمريڪي ويسٽ ٽيڪساس انٽرميڊيئيٽ ڪچي تيل جي قيمت 23 سينٽ وڌي 87.60 ڊالر في بيرل ٿي وئي هلندڙ هفتي برينٽ ڪچي تيل جي قيمت ۾ 6 سيڪڙو کان وڌيڪ جڏهن ته آمريڪي ڪچي تيل جي قيمت ۾ 5 سيڪڙو کان وڌيڪ اضافو ٿي چڪو آهي

بقايا 34 'روزاني عبرت'

درآمدي ترقي برآمدي ترقي کان تيز رهي آهي. پرڏيهي ميڊيا مطابق هلندڙ سال جي شروعاتي 6 ماهي ۾ چين جي آمدني واپار 10.74 ٽريلين يوان تائين پهچي وئي جيڪو پهريون ڀيرو 10 ٽريلين يوان کان وڌي ويو چين 63 ملڪن لاءِ "زيروٽيرف" پاليسي لاڳو ڪئي آهي

بقايا 35 'روزاني عبرت'

هيلٿ سائنسز شعبي وچ ۾ ماحولياتي موسمي ۽ پيشيوراڻه صحت جي شعبن ۾ سهڪار وڌائڻ لاءِ هڪ اهم اجلاس منعقد ٿيو جنهن ۾ گڏيل تحقيق ماحوليات ۽ صحت سان لاڳاپيل انگن اکرن جي متاسٽا، ۽ فضائي گدلاڻ جي نگراني واري معاملن تي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي اجلاس ۾ موسمي تبديليءَ جي صحت تي پوندڙ اثرن ماحولياتي تعليم سيپا (SEPA)جي نظام کي جديد ۽ خودڪار بڻائڻ ۽ ڪاربن مارڪيٽ جي صحت ۽ ماحول سان لاڳاپيل فائدن تي گڏجي ڪم ڪرڻ تي پڻ اتفاق ڪيو ويو سيڪريٽري ماحوليات فيصل عقيليءَ جي اڳواڻي ۾ وفد آغا خان يونيورسٽيءَ جي ڪميونٽي هيلٿ سائنسز شعبي جو دورو ڪيو جڏهن ته ڊائريڪٽر جنرل سنڌ انوائرنمينٽل پروٽيڪشن ايجنسي (سيپا) عاشق لانگاهه ريجنل ڊائريڪٽر محمد عمران صابر ڊائريڪٽر ڪلائميٽ چينج ۽ ڪاربن فنانس نعمان شيخ سميت اعليٰ عملدارن شرڪت ڪئي آغا خان يونيورسٽيءَ جي ماهرن موسمي تبديليءَ سبب شديد گرمي، ٻوڏ فضائي گدلاڻ ۽ ٻين ماحولياتي مسئلن جي انساني صحت تي پوندڙ اثرن بابت بريفنگ ڏني ۽ شيلڊ (SHIELD)منصوبي تحت موسمي تبديلي ۽ صحت سان لاڳاپيل انگن اکرن کي بهتر بڻائڻ جي قدمن بابت پڻ آگاهه ڪيو جڏهن ته ماحوليات کاتي پاران شرڪت ڪندڙن کي ڪاربن مارڪيٽ جي طريقيڪار رضاڪاراڻه ۽ لازمي ڪاربن مارڪيٽ ۽ پئرس معاهدي جي آرٽيڪل 6 تحت ڪاربن منصوبن بابت بريفنگ ڏني وئي ۽ ٻڌايو ويو ته ڪاربن ۽ ماحولياتي منصوبن مان مالي فائدن سان گڏ صحت جي شعبي ۾ پڻ بهتري آڻي سگهجي ٿي ان موقعي تي سيڪريٽري ماحوليات فيصل عقيليءَ چيو ته ماحولياتي ۽ موسمي پاليسين کي سائنسي بنيادن تي مضبوط ڪرڻ لاءِ يونيورسٽين ۽ تحقيقي ادارن سان سهڪار انتهائي ضروري آهي سيپا جي ماحولياتي نگراني ۽ ريگيوليٽري نظام کي جديد بڻائڻ ۾ يونيورسٽيءَ جي ٽيڪنيڪل مهارت مان فائدو حاصل ڪيو ويندو ڊي جي سيپا ڊاڪٽر عاشق علي لانگاهه چيو ته فضائي گدلاڻ جي نگرانيءَ کي انساني صحت سان جوڙڻ وقت جي اهم ضرورت آهي سيپا ماحولياتي نگرانيءَ جي نظام کي وڌيڪ اثرائتو بڻائڻ لاءِ جديد تحقيق ۽ ٽيڪنالاجيءَ مان فائدو حاصل ڪرڻ ۾ دلچسپي رکي ٿي ۽ آغا خان يونيورسٽيءَ جي ماهرن سان سهڪار ڪرڻ سان ماحولياتي مسئلن جا سائنسي حل ڳولهڻ ۾ مدد ملندي اجلاس ۾ اهو فيصلو ڪيو ويو ته فضائي گدلاڻ جي نگراني، ماحولياتي ۽ پيشيوراڻه صحت، موسمياتي تبديليءَ سان صحت تي پوندڙ اثرن ماحولياتي تعليم سيپا جي نظام کي خودڪار بڻائڻ ۽ ڪاربن مارڪيٽ جي صحت سان لاڳاپيل فائدن تي گڏجي ڪم ڪرڻ لاءِ اڳتي به ٽيڪنيڪل اجلاس منعقد ڪيا ويندا ۽ ٻنهي ادارن وچ ۾ باقاعده سهڪار جو طريقيڪار طئي ڪيو ويندو

بقايا 36 'روزاني عبرت'

ٻڌي ٿي پوليس پاران ٽنهي ڪيسن جا عبوري چالان پراسيڪيوشن ۾ جمع ڪرايا ويا، تنهن هوندي به ڊپٽي ڊسٽرڪٽ پراسيڪيوٽر چالان ۾ خامين جي نشاندهي ڪندي اعتراض سان واپس ڪري ڇڏيو پراسيڪيوٽر پوليس کي هدايت ڪئي ته اعتراض ختم ڪري چالان ٻيهر پيش ڪيا وڃن پراسيڪيوٽر موجب عبوري چالان ۾ جوابدار انمول پنڪي جي اشتهاري هجڻ جو ذڪر نه ڪيو ويو آهي پراسيڪيوٽر وڌيڪ اعتراض ڪندي چيو ته چالان ۾ ٻري ٿيل جوابدارن جا تفصيل پڻ شامل ناهن پوليس کي هدايت ڪئي وئي ته ٻري ٿيل جوابدارن جي ٻريت جي فيصلن جون نقول پڻ چالان جو حصو بڻايون وڃن پراسيڪيوٽر جوابدار انمول پنڪي کي اشتهاري قرار ڏيڻ بابت ٿيل ڪارروائي جا تفصيل پڻ چالان ۾ شامل ڪرڻ جي هدايت ڪري ڇڏي

بقايا 37 'روزاني عبرت'

فورس (اي اين ايف) ملڪ جي مختلف شهرن ۾ منشيات جي اسمگلنگ خلاف ڪارروائيون ڪندي 7 جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو اي اين ايف ترجمان موجب مختلف شهرن ۾ ڪيل 7 ڪارروائين دوران 3 ڪروڙ 83 لک روپين کان وڌيڪ ماليت جي 174.82 ڪلوگرام منشيات هٿ ڪئي وئي اي اين ايف موجب فيصل آباد جي ڪوريئر آفيس ۾ بحرين ويندڙ پارسل جي تلاشي دوران ڪپڙن مان 228 گرام آئيس هٿ ڪئي وئي تربت جي ضلعي ڪيچ پرسان ٽرڪ تي ڪارروائي دوران 125 ڪلوگرام آئيس هٿ ڪئي وئي جڏهن ته ٻن جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو اسلام آباد موٽر وي ٽول پلازا پرسان گاڏي مان 16.8 ڪلوگرام چرس هٿ ڪري هڪ جوابدار کي گرفتار ڪيو ويو لاهور جي جي روڊ تي هائوسنگ سوسائٽي پرسان رڪشا ۽ هڪ گهر تي ڪارروائي دوران مجموعي طور 10.8 ڪلوگرام چرس هٿ ڪري جوابدار کي گرفتار ڪيو ويو اٽڪ جي حضرو ٽول پلازا پرسان موٽرسائيڪل سوار جوابدار کان 6 ڪلوگرام چرس هٿ ڪئي وئي لاهور ۾ ٻن جوابدارن جي گاڏي مان 4 ڪلوگرام آئيس هٿ ڪئي وئي جڏهن ته ڪراچي ناردرن باءِ پاس پرسان جهنگلين مان 12 ڪلوگرام چرس هٿ ڪئي وئي اي اين ايف ترجمان موجب سمورين ڪارروائين بابت اينٽي نارڪوٽڪس ايڪٽ 1997ع تحت ڪيس داخل ڪري وڌيڪ جاچ شروع ڪئي وئي آهي

بقايا 38 'روزاني عبرت'

خير آباد زيبو ڳوٺ ۾ بائيڪو پمپ ويجهو ٽريفڪ حادثي ۾ 60 سالن جو هڪ شخص فوت ٿي ويو ايڌي اختيارين موجب حادثي ۾ فوت ٿيل شخص جي سڃاڻپ عبدالعزيز ولد يعقوب جي نالي سان ٿي آهي فوت ٿيل شخص جي لاش کي ايڌي ايمبولينس ذريعي عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو جڏهن ته واقعي جي اطلاع لاڳاپيل پوليس ٿاڻي کي ڏني وئي آهي ريسڪيو اختيارين موجب حادثو مبينا طور تي ويگو گاڏي سان ٽڪرائجڻ سبب پيش آيو تيز رفتار ويگو گاڏي موٽرسائيڪل سوار بزرگ شهري کي ٽڪر هنيو جنهن کان پوءِ ڪار ۾ سوار شخص موقعي تان فرار ٿي ويو منگهو پير پوليس طرفان اڃا تائين ان حوالي سان ڪو به موقف اختيار نه ڪيو ويو آهي تين هٽي نصير آباد ۾ لال مسجد جي ويجهو گهر مان ڳچي ۾ ڦندو ٻڌل 70 سالن جي پيرسن بشير ولد غلام حسين جو لاش مليو متوفي جو لاش قانوني ڪارروائي جي لاءِ چيپا ايمبولينس جي ذريعي جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي

بقايا 39 'روزاني عبرت'

جي صورت اختيار ڪري ويو مارچ ۾ سنڌ ايڪشن ڪميٽي ۾ شامل جماعتن سميت سياسي قومپرست ۽ ترقي پسند پارٽين جي هزارين ڪارڪنن شرڪت ڪري ,,سنڌ جو ورهاڱو نامنظور سنڌ جي وسيلن تي والار نامنظور، جا زوردار نعرا هنيا ان موقعي تي سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي قائم مقام صدر روشن بروڙو چيو ته سنڌيو سنڌ تي ڏکيو ڏينهن آيو آهي سنڌين کي گڏيل ۽ سگهاري جدوجهد ڪري سنڌ جي دشمنن جو مقابلو ڪرڻو آهي هن چيو ته اسان سنڌ کي ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ نه ڏينداسين سنڌ کي ورهائڻ وارا سنڌ ۽ هن ملڪ جي خلاف آهن اسان سنڌ وطن ۽ ملڪ ٽوڙڻ وارن جي خلاف آهيون جيڪو به سنڌ جي تقسيم جي حق ۾ آهن انهن کي خاڪ ۾ ملائي ڇڏينداسين هن چيو ته سنڌ تي هن وقت مشڪل وقت آيو آهي ملڪ جا حڪمران ۽ طاقتور قوتون سنڌ جي جاگرافيائي وحدت کي ٽوڙڻ ۽ تقسيم لاءِ نون صوبن ۽ نون انتظامي يونٽن جو رينگٽ ڪري سنڌين جي تاريخي وطن کي بي وطن ڪرڻ جي سازش ۾ مصروف آهن جيئي سنڌ قومي محاذ بشير خان قريشي جي چيئرمين ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي خطاب ڪندي چيو ته سنڌ جي تاريخي ۽ جاگرافي حيثيت بچائڻ لاءِ تحريڪ جو هي پهرين شروعات جو مرحلو آهي سنڌ جا ڪروڙين ماڻهو روڊن تي نڪري ايندا ۽ پنهنجي وطن جي حفاظت ڪري ڏيکاريندا هن چيو ته سنڌ ڌرتي جا وارث ۽ نوجوان نه رڳو سنڌ پر ڌرتيءَ جا وسيلا به بچائيندا جيئي سنڌ محاذ جي چيئرمين رياض چانڊيو چيو ته هن ملڪ کي جمهوري ملڪ چون ٿا پر پاڪستان ۾ ڪابه جمهوريت ناهي، پاڪستان تي پنجاب جو مڪمل قبضو آهي وفاق جي پويان پنجاب جي بندوق آهي هن چيو ته سنڌ کي خدا ٺاهيو آهي ان کي ڪير به ٽوڙي نٿو سگهي. عوامي تحريڪ جي مرڪزي صدر ايڊووڪيٽ وسند ٿري خطاب ڪندي چيو ته سنڌ جي زمينن وسيلن ۽ سنڌو درياهه تي قبضا ڪرڻ لاءِ نون صوبن جو منصوبو آندو ويو آهي سنڌ کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري سنڌي قوم جو وجود ميسارڻ جي سازش ڪئي پئي وڃي سنڌ کي ورهائي وسيلن جي تحفظ لاءِ سنڌين جي پرامن جمهوري جدوجهد کي روڪڻ جي سازش ڪئي پئي وڃي هن چيو ته سنڌي قوم متحد ۽ منظم ٿي پنهنجي ڌرتي جو تحفظ ڪرڻ لاءِ تيار ٿئي. ناميارو دانشور جامي چانڊيو چيو ته سنڌ ناقابل تقسيم وطن آهي هي گڏيل اقرار آهي سنڌ جي ورهاست نامنظور آهي ڪينال نامنظور آهن سنڌ کي سنڌ جي گڏيل ٻڌي بچائيندي سنڌ جا درياهه وسيلا بيت سنڌي قوم جي ٻڌي بچائيندي سنڌ جو سياسي ٻڌي سنڌ ٽوڙڻ نه ڏيندي هن چيو ته سنڌ ايڪشن ڪميٽي جي سڏ تي وحدت سنڌ جي مارچ ۾ سڄي سنڌ گڏ ٿي آهي

بقايا 40 'روزاني عبرت'

جي ابوبڪر صديق چوڪ تي اسٽريٽ موومينٽ جي شرڪت ڪندڙن کي خطاب ڪندي سهيل آفريدي چيو ته عمران خان جي علاج بابت عدالتي فيصلي تي عمل نه ٿيڻ تي سخت ڳڻتي آهي عدالت جي ڪر ججن جي فيصلي کي حڪومت ۽ انتظاميا نظرانداز ڪيو هن چيو ته جيڪڏهن عدالتون انهن ماڻهن کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ نٿيون آڻي سگهن جن کي هو طاقتور سمجهن ٿا، ته پوءِ ڪمزور ۽ عام شهرين لاءِ به الڳ معيار نه هجڻ گهرجي سهيل آفريدي چيو ته سندس خلاف عدالت ايف آءِ اي يا ڪنهن ٻئي اداري طرفان ڪو حڪم اچي ٿو ته ان تي فوري عملدرآمد ڪيو ويندو آهي پر عمران خان جي علاج لاءِ عدالتن طرفان ڏنل مهلت باوجود فيصلي تي عمل نه ڪيو ويو هن چيو ته ملڪ ۾ ڪمزور ۽ طاقتور لاءِ الڳ قانون نٿو ٿي سگهي ۽ سڀني کي هڪجهڙو انصاف ملڻ گهرجي

بقايا 41 'روزاني عبرت'

محمود آباد، بلوچ ڪالوني ۽ سائيٽ سپر هاءِ وي وارن علائقن مان پڻ گرفتاريون عمل ۾ آنديون ويون پوليس موجب حراست ۾ ورتل افغان شهرين کي جي سي ڪي ڪاليج افغان ڪيمپ منتقل ڪيو ويو آهي پوليس جو چوڻ آهي ته گرفتار ٿيل ماڻهن ۾ هڪ سهولتڪار پڻ شامل آهي جنهن خلاف ڪيس داخل ڪري وڌيڪ قانوني ڪارروائي شروع ڪئي وئي آهي

بقايا 42 'روزاني عبرت'

تهران (م د) ايراني فوج پنهنجي فوجي پاليسي ۾ دفاعي کان جارحاڻي انداز ڏانهن تبديلي جو اعلان ڪيو آهي ايراني فوج اعلان ڪيو آهي ته تازين ٽڪرارن جي ڪري ان جي فوجي حڪمت عملي دفاعي منتقل ٿي رهي آهي ايراني فوج جي ترجمان برگيڊيئر جنرل محمد اڪرام نيا، سرڪاري خبرن واري ايجنسي کي ٻڌايو ته اها تبديلي "12 ڏينهن واري جنگ" ۽ "40 ڏينهن واري جنگ" دوران تدريجي طور تي عمل ۾ آئي اڪرام نيا چيو ته جيتوڻيڪ ماضيءَ ۾ ملڪ جو فوجي نظريو دفاعي هو پر انهن ٽڪرارن دوران اهو تدريجي طور تي دفاعي انداز مان نڪري جارحاڻي انداز ۾ تبديل ٿي ويو آهي هن نشاندهي ڪئي ته اها تبديلي حملن جي جواب ۾ تيز ۽ وسيع ردعمل، توڙي اڳواٽ ڪارروائين (preemptive actions) سان ظاهر ٿئي ٿي ان جي ثبوت طور اڪرام نيا هڪ اهڙي فوجي منصوبي جو ذڪر ڪيو جنهن ۾ ايراني علائقن ۾ زميني ڪارروائي يا داخل ٿيڻ جي صورت ۾ آمريڪي فوجين کي مارڻ يا گرفتار ڪرڻ تي انعام ڏيڻ جي آڇ ڪئي وئي هئي

بقايا 43 'روزاني عبرت'

سول اسپتال ٻاهران احتجاج احتجاج جي اڳواڻي ڊاڪٽر محمد ڦليپوٽو، دودو ڦليپوٽو، ظفر علي، مسمات راڻي، مسمات عائشه ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا ان موقعي تي مظاهرين احتجاج ڪندي ٻڌايو ته جوابدارن سان زميني تڪرار هلندڙ هو اڄ جوابدارن ڏينهن ڏٺي جو اسان جي عورت مسمات انور خاتون مٿان سخت تشدد ڪري هٿيارن جا بٽ هڻي کيس زخمي ڪيو جنهن بعد هو زخمن جا سور نه سهندي اسپتال ۾ فوت ٿي وئي آهي هنن چيو ته جوابدار مسلسل گهرن ۽ زمينن تي قبضا ڪندا رهيا آهن هاڻي جوابدارن ظلم ۽ زيادتين جون سموريون حدون پار ڪري ڇڏيون آهن هنن ايس ايس پي خيرپور کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو نوٽيس وٺي جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪري انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪيو وڃي

بقايا 44 'روزاني عبرت'

جنهن سبب ڪيترائي خاندان معاشي سماجي ۽ اخلاقي تباهي جو شڪار ٿيندا ويا آهن گمبٽ شهر ۽ ان جي آسپاس جي شهرين ڳوٺاڻن والدين ۽ سماجي حلقن سخت ڳڻتي ظاهر ڪندي چيو آهي ته آئس آفيم چرس شراب جي نشي نوجوان نسل جي مستقبل لاءِ وڏو خطرو بڻجي ويو آهي گمبٽ جي شهرين موجب آئس ڪچو شراب نشي آور سوپاريون نشي آور ٽڪيون جي نشي ۾ مبتلا ڪيترائي نوجوان تعليم روزگار ۽ گهريلو ذميوارين کان پري ٿي ويا آهن جڏهن ته ڪيترن ئي گهرن ۾ جهڳڙا قرض ۽ گهريلو تڪرار معمول بڻجي ويا آهن والدين جو چوڻ آهي ته سندن نوجوان ٻار هن موذي نشي جي ور چڙهي پنهنجو ۽ پنهنجي خاندان جو مستقبل داءَ تي لڳائي رهيا آهن گمبٽ جي شهرين سماجي اڳواڻن جو چوڻ آهي ته آئس شراب سوپاريون هڪ انتهائي خطرناڪ منشيات آهي جيڪا استعمال ڪندڙ جي ذهني ۽ جسماني صحت کي سخت متاثر ڪري ٿي ۽ ڪيترن ئي ڪيسن ۾ نوجوانن کي ڏوهن ۽ تشدد ڏانهن به ڌڪي ٿي ماهرن پڻ خبردار ڪيو آهي ته اهڙي قسم جي منشيات نوجوانن جي ذهني صلاحيتن ۽ سماجي زندگي تي تباهه ڪندڙ اثر ڇڏيندي آهي گمبٽ جي شهرين مطالبو ڪيو آهي ته قانون لاڳو ڪندڙ ادارا ۽ لاڳاپيل کاتا فوري طور تي هن نشي جي ڪاروبار ۽ فراهمي ۾ ملوث عنصرن خلاف گمبٽ ۾ سخت ڪارروائي ڪن جڏهن ته والدين ۽ استادن سماجي تنظيمن کي به نوجوانن ۾ آگاهي مهم هلائڻ گهرجي ته جيئن ايندڙ نسل کي هن موذي لعنت کان بچائي سگهجي گمبٽ جي باشعور شهرين جو چوڻ آهي ته جيڪڏهن وقت سر موثر قدم نه کنيا ويا ته اهي سڀ نشا وڌيڪ خاندانن جي تباهي جو سبب بڻجي سگهن ٿا جنهن جا اثر پوري سماج تي پوندا.

بقايا 45 'روزاني عبرت'

پوليس واقعي واري هنڌ پهچي علائقي واسين جي مدد سان لاش واهه مان ڪڍائي ورتو پوليس لاش کي ضروري قانوني ڪارروائي ۽ سڃاڻپ لاءِ سول اسپتال حيدرآباد منتقل ڪري ڇڏيو آهي پوليس موجب نوجوان جي سڃاڻپ بابت وڌيڪ جاچ جاري آهي

سنڌي ايڊيشن
انچارج :مجيب ناريجو

IBRAT SANSAR

عبرت سنسار
68 Golden Jubilee Year
Ibratsansar@yahoo.com
آچر 23 آگسٽ 2026ع

صوبن سان ناانصافين تان ڌيان هٽائڻ جا حربا

فريد احمد

ملڪ ۾ نون صوبن جو رينگٽ وفاقي گهرو وزير محسن نقوي جي 30 جولاءِ واري بيان کان پوءِ گذريل 24 ڏينهن کان جاري آهي. هن بحث کي ان وقت اڳتي وڌايو ويو جڏهن ملڪ اڳ ئي معاشي، سياسي ۽ سلامتيءَ جي ڪيترن ئي سنگين مسئلن ۾ گهيريل آهي. محسن نقوي ملڪ جي موجوده حڪمرانيءَ واري نظام کي ناڪام قرار ڏيندي نون انتظامي يونٽن ۽ صوبن جي ضرورت تي زور ڏنو هو. جنهن کان پوءِ سياسي حلقن ۾ نون صوبن بابت بحث شروع ٿي ويو.

پر هن بحث جي وقت ۽ ان جي نتيجي ۾ پيدا ٿيندڙ سياسي ماحول تي غور ڪرڻ به ضروري آهي. گذريل ساڍن ٽن هفتن دوران ملڪ ۾ عوامي اهميت جا ڪيترائي اهڙا معاملا سامهون آيا، جن تي سنجيده قومي بحث ٿيڻ گهرجي ها، پر نون صوبن جو سوال انهن سڀني معاملن تي ڇانئجي ويو. اهڙيءَ طرح حڪومت کي عوام جو ڌيان ٻين اهم مسئلن کان هٽائڻ ۾ ڪنهن حد تائين ڪاميابي ضرور ملي آهي. اهو چوڻ شايد اڃا جلدبازي ٿيندو ته نون صوبن جو بحث ڄاڻي واڻي انهن معاملن تان ڌيان هٽائڻ لاءِ شروع ڪيو ويو، پر ان جو عملي نتيجو ضرور اهو نڪتو آهي ته ملڪي سطح تي بحث مباحثن جو وڏو حصو نون صوبن جي چوڌاري رهيو آهي.

مثال طور تيل جي اگهن ۾ واڌ ۽ پيٽرول تي ڀري ٽيڪس خلاف جماعت اسلاميءَ ملڪ گير احتجاجي مظاهرا ڪيا ۽ ڌرڻا هنيا. جماعت اسلامي 7 آگسٽ کان احتجاجي مهم تيز ڪئي ۽ 16 آگسٽ کان چئن ئي صوبن ۾ ڌرڻا شروع ڪيا، پر ان تحريڪ کي اڃا تائين اهڙو ملڪ گير عوامي اپار حاصل نه ٿي سگهيو آهي، جيڪو حڪومت لاءِ وڏو سياسي دٻاءُ بڻجي سگهي. جماعت اسلاميءَ جو مطالبو پيٽرول جي اگهه ۾ گهٽتائي ۽ ڀرا ٽئڪس ختم ڪرڻ آهي، جڏهن ته حڪومت جي تيل اگهن واري پاليسيءَ تي سخت تنقيد جاري آهي.

ساڳي عرصي ۾ اڳوڻي وزيراعظم عمران خان جي صحت ۽ جيل ۾ سندس حالت بابت افواهن ۽ دعوائن جو سلسلو به هليو. سندس صحت بابت خدشن سان گڏ سماجي رابطن جي ذريعن تي اهڙيون تصويرون ۽ دعوائون به گردش ڪنديون رهيون، جن مان ڪجهه جعلي يا مصنوعي طور تي تيار ڪيل ثابت ٿيون. پوءِ سپريم ڪورٽ جي حڪم تي ڪيس طبي معائني لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو ۽ ٻيهر جيل موڪليو ويو.

نون صوبن بابت بحث اهڙي وقت به ڪيو پيو وڃي، جڏهن وفاقي بجيٽ مان سنڌ کي اربين رپيا گهٽ ڏيڻ تي تنقيد جاري آهي ۽ سنڌ جي حصي جو پاڻي جلالپور ڪئنال ذريعي ڪڍڻ ۽ چولستان جي تڪراري ڪئنالن ۾ وهائڻ خلاف سنڌ ۾ بيچيني پکڙيل آهي. اهڙي وقت به جڏهن اعليٰ عدليه ۾ ججن جي مقرريءَ ۽ عدالتي آزاديءَ بابت سوال قومي بحث جو حصو بڻيل آهن. اهڙي وقت به جڏهن آزاد ڪشمير ۾ تڪراري چونڊن دوران ڌانڌلين جا الزام لڳا، فارم 47 پلس جو ذڪر ملڪي چونڊ نظام ۾ مداخلت تي سوال اٿاريندو رهيو ۽ وڳوڙ وڌي ويا. ماڻهو سيڪيورٽي اهلڪارن جي فائرنگ جو نشانو بڻيا ۽ ڪرفيو لاڳو ڪرڻ واري صورتحال پيدا ٿي ۽ اهڙي وقت به جڏهن ملڪ جي مختلف علائقن ۾ قانون جي حڪمراني بابت سوال اٿاريا پيا وڃن.

انهن ۽ اهڙن ٻين ڪيترن ئي اهم مسئلن باوجود وفاقي حڪومت نون صوبن جو شوشو ڇڏيو آهي. ته اصل سوال ڪرُ کڻي بيهي ٿو. ملڪ کي هن وقت نون صوبن جي ضرورت آهي يا موجوده آئيني، انتظامي ۽ حڪمرانيءَ واري نظام کي صحيح نموني هلائڻ جي؟ عوام جا مسئلا واقعي نيون صوبائي حدون ناهڻ سان حل ٿيندا يا اختيارن کي عوام جي دروازي تائين پهچائڻ سان؟ جيڪڏهن حڪومت ۽ عوام جي وچ ۾ فاصلو آهي، ته ان جو حل نئون صوبو ۽ نئون سيڪريٽريٽ ناهڻ بدران اختيارن کي ضلعي ۽ مقامي سطح تائين منتقل ڪرڻ ۾ ڇو نه ڳوليو وڃي؟

پر سنڌ جي حوالي سان معاملو رڳو انتظامي سڌاري تائين محدود ناهي. سنڌ رڳو نقشي تي ٺهيل هڪ صوبو نه، پر هزارين سالن جي تاريخ، پنهنجي جاگرافي، ثقافت، ٻولي، درياهه، سمنڊ ۽ گڏيل سماجي وجود سان جڙيل هڪ تاريخي وحدت آهي. ان ڪري سنڌ جي ڪنهن حصي کي الڳ ڪري نئون صوبو ناهڻ جو سوال سنڌ جي ماڻهن لاءِ رڳو نئين انتظامي حدبندي جو سوال نٿو رهي.



سنڌي ماڻهن جي مزاج کي سمجهڻ لاءِ گذريل ڪجهه عرصي جا عوامي ردعمل ئي ڪافي اشارو ڏين ٿا. پاڻيءَ جي پنهنجي حصي بابت خدشا پيدا ٿين ٿا ته سنڌ ۾ رڳو سياسي بيان بازي نٿي ٿئي، پر عام ماڻهو به ان سوال کي پنهنجي زندگي، زمين ۽ مستقبل سان ڳنڍي ٿو. زمين، پاڻي ۽ وسيلن بابت معاملن تي سنڌ ۾ پيدا ٿيندڙ حساسيت ان ڳالهه جو اظهار آهي ته سنڌي سماج پنهنجي ڌرتيءَ ۽ وسيلن کي رڳو انتظامي ملڪيت نه، پر پنهنجي وجود سان ڳنڍيل سمجهي ٿو.

اهڙي عوام کان اهو توقع رکڻ ته هو سنڌ جي تاريخي وحدت کي ٽوڙڻ واري تجويز کي رڳو هڪ انتظامي بحث طور ڏسندو سنڌ جي تاريخي شعور ۽ موجوده عوامي مزاج کي نظرانداز ڪرڻ برابر ٿيندو. سنڌ ۾ صوبائي وحدت بابت احساس رڳو سياسي پارٽين جي نعري تائين محدود ناهي، اهو عام ماڻهن جي زمين، پاڻي، وسيلن ۽ پنهنجي مستقبل بابت خدشن سان ڳنڍيل آهي. ان ڪري سنڌ جي ورهاڱي بابت ڪنهن به تجويز جو ردعمل به ان ئي پسمنظر ۾ سمجهڻو پوندو.

سنڌ جي ساحل تي آباد ڪراچي بنا شڪ پاڪستان کي پالڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪري ٿو پر ڪراچيءَ جي معاشي اهميت کي سنڌ کان الڳ ڪري ڏسڻ به حقيقت کي اڌورو ڏسڻ آهي. شهر جي بندرگاهن، سامونڊي حيثيت ۽ معاشي سرگرمين سان گڏ ان جي پٺڀرائي سنڌ جي جاگرافي، زرعي معيشت، قدرتي وسيلن ۽ سڄي صوبي جي معاشي ڍانچي سان جڙيل آهي. تنهنڪري سنڌ جي ڪنهن به حصي کي الڳ ڪرڻ جو تصور سنڌ جي ماڻهن وٽ رڳو انتظامي تبديلي نه، پر پنهنجي تاريخي وحدت ۾ مداخلت طور ڏٺو وڃي ٿو.

ان کان سواءِ آئين به صوبائي حدن ۾ تبديليءَ کي ڪو سادو انتظامي فيصلو نٿو سمجهي. آرٽيڪل 239 تحت ڪنهن صوبي جي حدن ۾ تبديلي لاءِ لاڳاپيل صوبائي اسيمبليءَ جي ٻه ٽهائي اڪثريت ضروري آهي. سنڌ اسيمبلي پڻ سنڌ جي ورهاڱي بابت پنهنجو واضح موقف ڏئي چڪي آهي. تنهنڪري ڪنهن به اهڙي تجويز کي اڳتي وڌائڻ کان اڳ آئيني تقاضائن سان گڏ سنڌ جي عوامي خواهش ۽ صوبائي اسيمبليءَ جي موقف کي به نظر ۾ رکڻ ضروري آهي.

ملڪ کي جيڪڏهن واقعي بهتر حڪمراني، تيز انتظامي ڪارڪردگي ۽ عوام تائين اختيارن جي رسائي جي ضرورت آهي ته ان لاءِ آئيني ادارن کي مضبوط ڪيو وڃي، مقامي حڪومتن کي اختيار ڏنا وڃن، صوبن جا حق مڪمل طور بحال ڪيا وڃن ۽ وسيلن جي ورڇ ۾ انصاف ڪيو وڃي. نون صوبن جا نقشا ناهڻ کان اڳ موجوده صوبن کي سندن حق ڏيڻ وڌيڪ بنيادي ضرورت آهي.

سنڌ جي حوالي سان پيغام صاف آهي: ملڪ کي مضبوط ڪرڻ لاءِ موجوده مسئلا حل ڪريو نوان تڪرار پيدا نه ڪريو. سنڌ جي وحدت سان هٿ چراند کي ڪو سادو انتظامي تجربو سمجهڻ غلط ٿيندو. جيڪو عوام پنهنجي پاڻي، زمين ۽ وسيلن جي سوال تي ايترو حساس آهي، ان لاءِ سنڌ جي وحدت جو سوال به رڳو انتظامي حدبندي جو سوال نٿو ٿي سگهي.

پاڪستان جي مضبوطي صوبن کي ڪمزور ڪرڻ ۾ نه، پر انهن جي آئيني حقن، عزت ۽ تاريخي وحدت جي تحفظ ۾ آهي.

اهڙي مجموعي صورتحال ۾ وفاقي گهرو وزير کان اهو پڇڻ گهرجي ته ڇا وفاق صوبن کي سندن آئيني ۽ جائز حق مڪمل طور ڏئي سگهيو آهي؟ ڇا ارڙهين ترميم تي عملدرآمد جي راهه ۾ وفاق پاڻ رنڊڪ نه بڻيو آهي؟ ڇا قومي مالياتي ڪميشن (NFC) ايوارڊ تحت صوبن کي سندن جائز حصو وقت سر ۽ مڪمل طور ملي رهيو آهي؟ ڇا صوبن جي حصي جي اربين رپين جي ناڻي کي ڪنهن ٻئي مقصد لاءِ خرچ يا غير واسطيدار هنڌن ڏانهن منتقل نه ڪيو ويو آهي؟ ڇا صوبن جي محرومين، خاص طور پوئتي پيل علائقن جي مسئلن کي ختم ڪرڻ لاءِ وفاق طرفان ڪي اثرائتا ۽ عملي قدم کنيا ويا آهن؟ جيڪڏهن انهن سوالن جا جواب اڃا به اطمينان بخش ناهن، ته پوءِ نون صوبن جي گهرج پيدا ڪرڻ کان اڳ موجوده صوبن سان انصاف ڪرڻ ۽ انهن کي سندن آئيني حق ڏيڻ تي ڌيان ڇو نه ڏنو وڃي؟

ايٽمي خطري جي پاڇي ۾ ايران خلاف معاشي جنگ

فيضان احمد

وچ اوڀر جي موجوده جنگ هاڻي اهڙي خطرناڪ موڙ تي پهچي چڪي آهي، جتي ڳڻتي رڳو ميزائل ۽ ڊرون حملن، بحري ناڪابندي يا تيل جي وڌندڙ قيمتن تائين محدود ناهي رهي. گذريل هڪ هفتي دوران ايران تي آمريڪا جي ڪنهن وڏي ايستائين جو ائٽمي حملي جي امڪان بابت خدشا به سامهون آيا آهن. ترڪيءَ جي خبررساں اداري اناتوليا موجب ايراني پارليامينٽ جي قومي سلامتي ۽ پرڏيهي پاليسي ڪميشن جي ميمبر فدا حسين مالڪيءَ چيو آهي ته هو آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ جي ڪنهن اپهرائپ واري امڪان کي مڪمل طور رد نٿو ڪري، "جيڪڏهن آمريڪا ايران خلاف ائٽمي هٿيار استعمال ڪري ٿو ته ايران به استعمال ٿيندڙ هٿيار جي نوعيت مطابق جواب ڏيندو" ساڳئي وقت هن اميد ظاهر ڪئي ته ٽرمپ اهڙو قدم نه کڻندو ڇاڪاڻ ته ان سان دنيا هڪ خطرناڪ جنگ ۾ داخل ٿي سگهي ٿي.

هي بيان ايران جي ائٽمي پاليسيءَ جو باضابطا اعلان ناهي، پر جنگ جي شدت بابت انتهائي خطرناڪ اشارو ضرور آهي. جيڪڏهن روايتي جنگ ائٽمي هٿيارن جي استعمال جي امڪان تائين پهچي وڃي ته ان جا اثر ايران ۽ آمريڪا تائين محدود نه رهندا. هڪ غلط اندازو، غلط حڪم يا ڪنهن حملي جي غلط تشريح به اهڙو سلسلو شروع ڪري سگهي ٿي، جنهن کي روڪڻ ڏکيو ٿي پوي.

ائٽمي خطري سان گڏ آمريڪا ايران خلاف معاشي جنگ به تيز ڪري ڇڏي آهي. آمريڪي ناڻي واري وزير اسڪاٽ بيسنٽ ايران خلاف "تاريخ جون انتهائي پابنديون" لاڳو ڪرڻ جو اعلان ڪيو آهي. جڏهن ته رائٽرز موجب آگسٽ ۾ ايران جي تيل جي روانگي 2025ع جي سراسري 14 لک بيرل روزاني کان گهٽجي لڳ ڀڳ 5 لک 34 هزار بيرل روزاني تائين پهچي وئي آهي. ان سان ايران جي پرڏيهي آمدنيءَ تي وڏو اثر پئجي رهيو آهي. جڏهن ته جنگ ۽ پابندين گڏجي ملڪ جي معيشت کي وڌيڪ دٻاءَ هيٺ آڻي ڇڏيو آهي.

پر آمريڪا جي معاشي حڪمت عمليءَ خلاف چين طرفان اهم مزاحمت به سامهون آئي آهي. چين ايران جي روانگي ٿيندڙ تيل جو 80 سيڪڙو کان وڌيڪ خريد ڪري ٿو. واشنگٽن بيجنگ کي ايران خلاف پابندين ۾ شامل ڪرڻ چاهي ٿو پر چين هڪ طرفي آمريڪي پابندين کي مسئلي جو حل تسليم ڪرڻ کان انڪار ڪندي سفارتڪاريءَ تي زور ڏنو آهي. اهڙيءَ طرح ايران خلاف معاشي جنگ هاڻي رڳو واشنگٽن ۽ تهران جو معاملو نه رهي آهي، پر ان ۾ آمريڪا ۽ چين جا مفاد به سڌيءَ طرح آمهون سامهون ٿي چڪا آهن.

ايران اندر معاشي صورتحال به انتهائي ڏکي ٿي رهي آهي. پابنديون، تيل جي روانگيءَ ۾ گهٽتائي، ڪرنسيءَ جي ڪمزوري ۽ جنگ جي خرچن سان صنعت، واپار، روزگار ۽ عام ماڻهن جي خريداريءَ جي سگهه متاثر ٿي رهي آهي. ايراني پارليامينٽ جي اسپيڪر محمد باقر قاليباف به معاشي دٻاءَ کي تسليم ڪندي چيو آهي ته ايران کي پابندين کي منهن ڏيڻ لاءِ پنهنجي معيشت کي مضبوط ڪرڻو پوندو.

پر سوال اهو آهي ته ڇا معاشي پابنديون ايران کي سياسي طور جهڪائي سگهنديون؟ ايران ڪيترن ئي ڏهاڪن کان پابندين کي منهن ڏئي رهيو آهي ۽ چين، روس ۽ ٻين ملڪن سان متبادل واپاري رستا استعمال ڪندو رهيو آهي. تنهنڪري پابنديون ايران کي سخت نقصان ته پهچائي سگهن ٿيون، پر اهو لازمي ناهي ته معاشي نقصان سياسي هٿيار ڦٽا ڪرڻ ۾ تبديل ٿي وڃي.

هن معاشي جنگ جو اثر ايران کان ٻاهر به پکڙجي رهيو آهي. هرمز وٽان جنگ کان اڳ روزانو 20 ملين بيرل کان وڌيڪ تيل گذرندو هو جيڪو هاڻي لڳ ڀڳ 8 ملين بيرل روزاني تائين گهٽجڻ جي رپورٽ آهي. جهازن جي آمدرفت ۾ گهٽتائي سبب عالمي توانائيءَ جي رسد متاثر ٿي رهي آهي ۽ تيل جون قيمتون وڌي رهيون آهن.

اها صورتحال پاڪستان لاءِ به ڳڻتيءَ جوڳي آهي. عالمي تيل مهانگو ٿيڻ سان ملڪ جو درآمدي بل وڌي رهيو آهي، جنهن جو اثر مهانگائي، ٽرانسپورٽ، بجلي ۽ صنعت تي پئجي رهيا آهن. يعني ايران خلاف شروع ٿيل معاشي جنگ جو بار رڳو ايران تائين محدود ناهي رهيو.

هن بحران ۾ سفارتڪاريءَ جو دروازو به مڪمل طور بند ناهي ٿيو. پاڪستان جي ٽياڪڙيءَ سان آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ ٿيل اسلام آباد مفاهمتي عمل جي 60 ڏينهن واري مرحلي کان پوءِ به بنيادي اختلاف برقرار آهن. رائٽرز موجب، آگسٽ ۾ ڳالهين جي ناڪاميءَ سان ايران هرمز بابت وڌيڪ سخت فوجي موقف اختيار ڪرڻ جي ڌمڪي ڏني آهي.

عمان جو ڪردار به اهم آهي، ڇاڪاڻ ته هو ماضي ۾ ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ ڳجهن رابطن ۽ سفارتڪاريءَ جو اهم مرڪز رهيو آهي. ساڳئي وقت روس ۽ ايران جي وڌندڙ فوجي ويجهڙائپ بابت به خبرون سامهون آيون آهن. جيڪڏهن روس طرفان ايران کي جنگي سامان فراهم ڪرڻ جون اهي خبرون درست ثابت ٿين ٿيون ته ان سان تهران جي جنگ جاري رکڻ جي صلاحيت ۾ اضافو ٿي سگهي ٿو.

مجموعي طور تي، ايران- آمريڪا ٽڪراءُ هاڻي ٻن ملڪن جي جنگ کان گهڻو اڳتي نڪري چڪو آهي. ايٽمي حملي جو خدشو ان جو سڀ کان خطرناڪ عسڪري پاسو، معاشي پابنديون ان جو ٻيو وڏو محاذ ۽ هرمز سامونڊي لنگهه عالمي معيشت جي نازڪ ڪڙي بڻجي چڪو آهي. چين آمريڪي معاشي دٻاءَ کي رد ڪري رهيو آهي، روس بابت ايران جي مدد جون خبرون موجود آهن ۽ پاڪستان ۽ عمان سفارتڪاريءَ جي ممڪن رستن سان ڳنڍيل آهن.

هاڻي دنيا کي اهو فيصلو ڪرڻو آهي ته طاقت جي استعمال سان بحران کي وڌيڪ وڌائڻو آهي يا ڳالهين جو دروازو ٻيهر کولڻو آهي. ڇاڪاڻ ته معاشي پابنديون معيشتن کي ڪمزور ڪري سگهن ٿيون، بحري ناڪابندي عالمي واپار کي متاثر ڪري سگهي ٿي ۽ جنگ شهرن کي تباهه ڪري سگهي ٿي، پر جيڪڏهن بحران ايٽمي حد پار ڪري ويو ته پوءِ فتح ۽ شڪست جا لفظ به بي معنيٰ ٿي ويندا.

فريدآباد لڳ گرلس پرائمري اسڪول سيدپور ۾ مقرر 7 مان 6 ماسترياڻيون وڏن شهرن ڏانهن بدلي

اسڪول ۾ مقرر 7 ٽيچرس مان 6 ماسترياڻيون اي ٽرانسفر جي نالي تي وڏن شهرن ڏانهن بدلي ڪرائي ويون

هڪ ٽيچر ساهه بيماري جي بستري تي پيل، سوين شاگرديائين جو مستقبل داءَ تي لڳي ويو، اختيارين اک نه پٽي

پيئڻ جو پاڻي، فرنيچر، پنکا، واش روم جي سهولت نه هئڻ سبب شاگرديائيون اسڪول ۾ ويهي ويهي واپس گهرن ڏانهن وڃڻ تي مجبور

فريدآباد(ن ع) فريدآباد لڳ ڳوٺ سيدپور جو گرلس پرائمري اسڪول سيدپور ۾ مقرر 7 ٽيچرس مان 6 ماسترياڻيون اي ٽرانسفر جي نالي تي وڏن شهرن ڏانهن بدلي ڪرائي ويون، هڪ ٽيچر ساهه بيماري جي بستري تي پيل سوين شاگرديائين جو مستقبل داءَ تي لڳي ويو، اسڪول ۾ پيئڻ جو پاڻي، فرنيچر، پکن، واش روم جي سهولت نه هئڻ سبب شاگرديائيون اسڪول ۾ ويهي ويهي واپس گهرن ڏانهن وڃڻ تي مجبور بڻيل، شاگرديائين جو ڪلاسن اندر احتجاج بدلي ڪرائي ويل ٽيچرس کي واپس ڪري اسڪول ۾ بنيادي سهولتون فراهم ڪري ڏيڻ جو مطالبو. گرلس پرائمري اسڪول سيدپور ۾ هارڊ ايريا طور ايس ٽي آر مطابق اسڪول ۾ مقرر مقامي 6 ٽيچرس مس نادرا جتوئي، مس عروج چانڊيو مس ڪلثوم جانوري، مس ڪوثر چانڊيو، عظما چانڊيو، مس زينب چانڊيو سميت 6 ٽيچرس مقرر هيون جنهن مان مس زينب چانڊيو کان علاوه ٻيون 5 ماسترياڻيون اي ٽرانسفر جي نالي تي اسڪول مان وڏن شهرن ڏانهن بدلي ڪرائي هليون ويون آهن اسڪول ۾ مقرر هڪ ٽيچر ساهه بيماري جي بستري تي پيل آهي جنهن سبب اسڪول ۾ تعليم پرائيندڙ سوين شاگرديائين جو مستقبل داءَ تي لڳي ويو آهي اسڪول ۾ پيئڻ جو پاڻي، فرنيچر، پکن، واش روم جي سهولت نه هئڻ سبب شاگرديائيون ويهي ويهي واپس گهرن ڏانهن وڃڻ تي مجبور بڻيل آهن ان حوالي سان اسڪول ۾ پڙهندڙ شاگرديائين بتول چانڊيو مريم چانڊيو ريحانا چانڊيو شاهزما چانڊيو صنم چانڊيو ۽ ٻين شاگرديائين احتجاج ڪندي ڏانهيو ته گذريل ڪيترن ئي سالن کان اسان جي اسڪول ۾ پيئڻ جو پاڻي سولر سسٽم فرنيچر واشروم سميت بنيادي سهولتن کان محروم بڻيل آهيون هتي وڌيڪ ڇوڪرين جديد دور ۾ به اسان جي اسڪول ۾ سولر سسٽم نه هجڻ ڪري اسان ٿهر جي گرمي ۾ تعليم حاصل ڪرڻ تي مجبور بڻيل آهيون ٽيچرس جي کوٽ سبب اسان جو مستقبل داغ تي لڳي ويو آهي شاگرديائين تعليم کاتي جي وزير سيد سردار علي شاهه سيڪريٽري تعليم زاهد علي عباسي پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري صاحب سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه کان پرزور مطالبو ڪيو ته گرلس پرائمري اسڪول سيدپور مان بدلي ڪرائي ويل ٽيچرس واپس ڪرائي بنيادي سهولتون ڏيئي اسان جي متاثر ٿيندڙ تعليم کي بچائي اسان سان انصاف ڪيو وڃي

فريد آباد: گرلس پرائمري اسڪول سيدپور ۾ استادن جي کوٽ خلاف ٻار احتجاج ڪندي

منگهوپير ۾ عوامي مسئلن جي حل لاءِ ترقياتي ڪم تيزيءَ سان جاري

حاجي نواز علي بروهي حمزه ڳوٺ ۾ جاري پيور بلاڪ لڳائڻ واري ڪم جو جائزو ورتو

عوامي سهولت لاءِ شروع ڪيل سمورن ترقياتي منصوبن ۾ معيار اسان جي اولين ترجيح آهي: چيئرمين

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن منگهوپير پاران شهر جي مختلف علائقن ۾ بنيادي شهري سهولتون فراهم ڪرڻ انفراسٽرڪچر کي بهتر بڻائڻ ۽ عوامي مسئلن جي حل لاءِ ترقياتي ڪم تيزيءَ سان جاري آهن ان سلسلي ۾ حمزه ڳوٺ يوسي 2 ۾ پيور بلاڪ لڳائڻ جو ڪم تيزيءَ سان جاري آهي ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن منگهوپير جي چيئرمين حاجي نواز علي بروهي موقعي تي پهچي جاري ڪم جو تفصيلي معائنو ڪيو دوري دوران چيئرمين حاجي نواز علي بروهي حمزه ڳوٺ ۾ جاري پيور بلاڪ لڳائڻ واري ڪم جو جائزو ورتو ۽ لاڳاپيل آفيسرن ۽ عملي کان منصوبي جي اڳڀرائي استعمال ٿيندڙ ميٽيريل ۽ ڪم جي معيار بابت تفصيلي بريفنگ ورتي، هن پاڻ پيور بلاڪ جي معيار مضبوطي ۽ لڳائڻ جي طريقيڪار جو پڻ معائنو ڪيو ۽ لاڳاپيل آفيسرن کي هدايت ڪئي ته ترقياتي ڪم جي معيار تي ڪنهن به قسم جو سمجهوتو نه ڪيو وڃي. حاجي نواز علي بروهي چيو ته عوامي سهولت لاءِ شروع ڪيل سمورن ترقياتي منصوبن ۾ معيار اسان جي اولين ترجيح آهي عوام لاءِ ڪرايل هر ڪم مضبوط، پائيدار ۽ ڊگهي عرصي تائين ڪارآمد هجڻ گهرجي جيئن شهرين کي ڪيترن ئي سالن تائين ان مان فائدو حاصل ٿي سگهي هن لاڳاپيل آفيسرن کي هدايت ڪئي ته پيور بلاڪ جي معيار ٿولهه مضبوطي ۽ لڳائڻ جي هر مرحلي جي باقاعده نگراني ڪئي وڃي ۽ ڪوالٽي ڪنٽرول جي مقرر ڪيل معيارن تي مڪمل عملدرآمد يقيني بڻايو وڃي. هن چيو ته پيور بلاڪ لڳائڻ جو مقصد صرف علائقي جي خوبصورتي ۾ اضافو ڪرڻ نه پر شهرين کي بهتر محفوظ ۽ پائيدار رستو فراهم ڪرڻ پڻ آهي ان ڪري ڪم مڪمل ٿيڻ تائين ان جي معيار جي مسلسل نگراني ڪئي ويندي، ته جيئن منصوبو مقرر ڪيل معيارن موجب مڪمل ٿي سگهي. چيئرمين منگهوپير ٽائون حاجي نواز علي بروهي سنڌ حڪومت جي تعاون کي ساراهيندي چيو ته منگهوپير ٽائون جي ترقي ۽ عوامي مسئلن جي حل لاءِ صوبائي حڪومت پاران جيڪو تعاون ڪيو پيو وڃي، اهو ساراهه جوڳو آهي.

بدين ۾ دي رينيسانس اسڪول اينڊ ڪاليج پاران شاگردن لاءِ "حسنِ اخلاق" تي ليڪچر

ليڪچر دوران حضور اڪرم ﷺ جي مثالي اخلاق ۽ سيرتِ طيبه تي روشني وڌي وئي

شاگردن ۾ احترام، رواداري، همدردي، عاجزي ۽ ذميواري جا جذبا اجاگر ڪرڻ تي زور

بدين (ن ع) دي رينيسانس اسڪول اينڊ ڪاليج بدين جي اهتمام هيٺ شاگردن لاءِ "حضور اڪرم ﷺ جي زندگيءَ جو هڪ انتهائي اهم پهلو: حسنِ اخلاق" جي موضوع تي هڪ فڪري ۽ روح پرور ليڪچر الياس هال ۾ منعقد ڪيو ويو. ليڪچر دوران حضور اڪرم حضرت محمد ﷺ جي مثالي اخلاق، صبر، بردباري، عاجزي، رحم، شفقت، سچائي ۽ درگذر جي … احترام، رواداري، همدردي ۽ ذميواري جا جذبا اجاگر ڪرڻ هو شاگردن کي ترغيب ڏني وئي ته هو پنهنجي روزمرهه زندگيءَ ۾ نبي ڪريم ﷺ جي اعليٰ اخلاق ۽ سيرتِ طيبه مان رهنمائي حاصل ڪن هي فڪري ۽ تربيت بخش ليڪچر شاگردن لاءِ خود احتسابي ۽ ڪردار سازيءَ جو هڪ بهترين موقعو ثابت ٿيو اهڙيون سرگرميون شاگردن جي علمي واڌ ويجهه سان گڏ سندن اخلاقي …

ماتلي ۾ شروعاتي دور کان اخبارن جو هاڪر رهندڙ شفيع محمد عرف شفعو نظاماڻي لاڏاڻو ڪري ويو

ماتلي (ن ع) مختلف اخبارن جو شروعاتي دور کان هاڪر رهندڙ شفيع محمد عرف شفعو نظاماڻي حرڪت قلب بند ٿيڻ سبب 85 ورهين جي ڄمار ۾ لاڏاڻو ڪري ويو ڪيس دل ۾ تڪليف پوڻ سبب ٽنڊو محمد خان جي ايس آءِ سي ري ڊي اسپتال نيو ويو جتي ڊاڪٽرن سندس حياتي بچائڻ جي ڪوشش ڪئي پر هو لاڏاڻو ڪري ويو ڪيس ابائي قبرستان خليفو محمود فقير قبرستان نظاماڻي محلي ۾ سوين اکين سان سپردخاڪ ڪيو ويو. شفيع محمد عرف شفعو نظاماڻي نوجواني واري دور کان اخباري هاڪر رهيو آهي مختلف اخبارن جي پهرين ڏينهن کان آخري وقت تائين هاڪر رهيو ڪجهه ڏينهن کان سندس طبيعت ٺيڪ نه رهي جنهن ڪري هو گهر ۽ مسجد تائين محدود رهيو جنهن بعد سندس پٽ عبدالباقي نظاماڻي سندس جاءِ تي هاڪر رهندو اچي

ماتلي اخبارن جو هاڪر رهندڙ شفيع محمد عرف شفعو نظاماڻي جي حياتي جي تصوير

خانپورمهر ۾ نوجوان جو پوليس جي ناجائزين خلاف احتجاج، انصاف ۽ تحفظ جو مطالبو

خانپورمهر (ن ع) خانپورمهر جي ڳوٺ سونو پتافي واسي نوجوان گلزار پتافي الزام هنيو آهي ته ڪجهه ڏينهن اڳ جروار خانپورمهر ۽ پارو لنڊ پوليس ڊي ايس پي ميرپورماٿيلو جي اڳواڻي ۾ سندن گهر تي چڙهائي ڪري سندس والد پارو پتافي کي ٻن ڳڻن سميت کڻي گم ڪري ڇڏيو وارثن موجب پارو پتافي کي ٻن ڏينهن بعد مبينا طور تشدد ڪري بيهوشي واري حالت ۾ سندن حوالي ڪيو ويو متاثرن جو چوڻ آهي ته پوليس نثار پتافي کي گرفتار ڪرڻ لاءِ گهر تي چڙهائي ڪئي پر سندن نثار پتافي سان ڪو به واسطو ناهي …

بوزدارواڍا پرسان ڳوٺ علي آباد جي رهواسڻ جو احتجاج

چاچو منظور بروهي زبردستي مڙس يارمحمد بروهي کان طلاق ڏيارڻ چاهي ٿو: نازيه

گلشير مري کي منهنجو سنگ 4 لکن عيوض وڪرو ڪري ڏوهاري سان شادي پيو ڪرائي

بوزدارواڍا(ن ع) بوزدارواڍا پرسان ڳوٺ علي آباد جي رهواسڻ ٽن ٻارڙن جي ماءُ مسمات نازيا بروهي پنهنجي مڙس يارمحمد بروهي سان گڏجي ٽنڊو معصوم بارڙو ڪلب پنهنجي ماڻهن ۽ چاچي جي زيادتين خلاف ميڊيا آڳيان احتجاج ڪندي ڏانهيندي الزام هڻندي ميڊيا کي ٻڌايو ته منهنجو چاچو منظور بروهي زبردستي مڙس يارمحمد بروهي کان طلاق ڏياري ٽنڊو مستي جي هڪ ڏوهاري گلشير مري کي منهنجو سنگ 4 لکن عيوض وڪرو ڪري ڏوهاري سان شادي پيو ڪرائي آئون بي شادي هرگز نه ڪندس ۽ پنهنجي مڙس يارمحمد بروهي سان گڏ خوش رهان ٿي ۽ منهنجو چاچو منظور علي بروهي صدام بروهي شاهنواز خدا بخش ديدار سينگهار احمد احمد بروهي اسان جي گهر تي حملو ڪري سامان جي ڀڃ ڊاهه ڪري هنڌن ڪتولن ۽ ٻئي سامان کي باهه ڏئي ڇيپرس روبينا پروين ۽ اجلا کي لٺيون هڻي رتورت ڪري فرار ٿي ويا آهن ۽ اسان کي اغوا ڪري قتل جون پڻ موتمار ڌمڪيون پيا ڏين ۽ اسان جي جانين حياتين کي خطرو آهي ۽ اسان ٻن ڏينهن کان گهر کان دربدري واري زندگي خوف ۾ پيا گذاريون اسان غريب مسڪين آهيون اسان جي ڪو به دانهن ٻڌڻ وارو ناهي هنن وزير اعليٰ سنڌ آءِ جي سنڌ صوبائي گهرو وزير ڊي آءِ جي سکر ايس ايس پي خيرپور نوٽيس وٺي اسان کي جان جو تحفظ فراهم ڪري جوابدارن مٿان ڪيس داخل ڪري گرفتار ڪري انصاف ڪيو وڃي

بوزدارواڍا: ڳوٺ علي آباد جي رهواسڻ احتجاجي مظاهرو ڪندي

عثمان شاهه هڙي ويجهو ميون وڻهيو جي عرس مبارڪ جي تقريبن جي پڄاڻي

اي سي شهزادو عمير جروار مختيارڪار غلام شبير ميرجت ۽ چيئرمين سيٺ غلام بلوچ شريڪ

سنڌ جي ثقافتي راندين کي اجاگر ڪرڻ لاءِ ملهه سميت اهڙا پروگرام ٿيڻ کپن: شهزادو عمير جروار

عثمان شاهه هڙي(رپورٽ) عثمان شاهه هڙي ويجهو اولياءَ ميون وڻهيو جي عرس مبارڪ جون تقريبون پڄاڻي تي پهتيون ميلي ۾ سنڌ جي ثقافت ملاکڙي ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر جهنڊومري شهزادو عمير جروار مختيارڪار غلام شبير ميرجت، چيئرمين سيٺ غلام بلوچ سميت وڏي انگ ۾ ماڻهن شرڪت ڪئي. سنڌ جي ناليواري پهلوانن ۾ ملهه جا هٿ ڪن مقابلا ٿيا اي سي شهزادو عمير جروار چيو ته ملاکڙي سميت سنڌ جي ثقافتي راندين کي اجاگر ڪرڻ لاءِ ملهه سميت اهڙا پروگرام ٿيڻ کپن بزرگن ولين اولياءِ اڪرام جي ڏنل درس مان سبق حاصل ٿيڻ کپي سنڌ کي ولين جي دعا آهي سنڌ ڏنڌي پر ڪڏهن به ٻڏندي نه قاتل جي مقابلي ۾ ڀهرين جوڙ جي علي حسن ٿيبي راشد ڪتياڻ امداد باريجو ڪاڪو مقابلو ماري انعام ۽ شيلڊون کٽي ويا ملهن ملاکڙي ۾ شوقينن ۾ ڪوڪريا ڪرائي ڇڏيا ملاکڙي ۾ علائقي جي ملهه جي شوقينن پاران ملهوڙ کٽندڙ ملهه پهلوانن کي انعام ۽ شيلڊون ڏنيون ويون هوڏانهن درگاهه نشينن غني درس اي ڊي درس آيل مهمانن کي سنڌ جي ثقافت اجرڪون اوڍايون


عثمان شاهه هڙي: ميون وڻهيو جي عرس جي موقعي تي ملهه پهلوان مقابلو ڪري رهيا آهن

سيتارجا ۾ پي پي ايڇ آئي جي بيسڪ هيلٿ يونٽ انتظاميه خلاف احتجاج

گهر واري کي ڊليوري لاءِ پي پي ايڇ آئي جي بيسڪ هيلٿ يونٽ سيتارجا وٺي آيس: شاهنواز

ڊاڪٽر پروين چنا مسلسل موبائل هلائڻ ۾ مصروف هئي، اسپتال مان ڌڪا ڏيندي ڪيرائي ڇڏيو

سيتارجا(ن ع) پير پسايو جي رهواسي شاهنواز اسلامي پريس ڪلب پهچي ڏانهيندي الزام لڳايو آهي ته گذريل رات سان پنهنجي گهر واري کي ڊليوري لاءِ پي پي ايڇ آئي جي بيسڪ هيلٿ يونٽ سيتارجا وٺي آيس پر اتي موجود ڊيوٽي تي مقرر ڊاڪٽرياڻي ڊاڪٽر پروين چنا مسلسل موبائل هلائڻ ۾ مصروف هئي … هن چيو ته عورت جي ڊليوري ٿيندي ٿي ڪانه جنهن ڪري منهنجي گهرواري تڙپندي رهي پر هن کي ڪو به رحم نه آيو جنهن ڪانپوءِ اسان نجي اسپتال سان گهر واري جي ڊليوري ڪرائي. هن مطالبو ڪيو ته صحت کاتي جا عملدار ۽ پي پي ايڇ آئي جون اختياريون سخت نوٽيس وٺي اهڙي غير مناسب رويو رکندڙ نااهل …

مسوپرڳڙي جي رهواسڻ بيواهه مسمات فاطمه جو احتجاج

پٽ گهريلو ملڪيت ڦٻائڻ واري معاملي تان ڌمڪيون پيو ڏئي: فاطمه

تشدد ڪندڙ رهندو آهي، جنهن جي شڪايت چلڪري ٿاڻي تي ڪري چڪي آهيان

مسوپرڳڙي(ن ع) مسوپرڳڙي جي رهواسڻ مسمات فاطمه بيواهه مرحوم ڊاڪٽر محمد ابراهيم قريشي پريس ڪلب مسوپرڳڙي پهچي پٽ محمد بخش ۽ نهن خلاف ڌانهيندي چيو آهي ته پٽ گهريلو ملڪيت ڦٻائڻ واري معاملي تان ڌمڪيون وقتن به وقتن مون تي منهنجي پٽ حسن بخش سان جهيڙو ۽ تشدد ڪندو رهندو آهي، جنهن جي شڪايت چلڪري ٿاڻي تي ڪري چڪي آهيان پر پوليس اڃا تائين ڪڪ پڇي بيٺو ناهي ڪيس هن احتجاج ڪندي چيو ته پٽ حسن بخش نافرمان ٿي ڪري زال جي چوڻ تي مون سان ناانصافيون ڪري رهيو آهي ۽ زال جي چوڻ تي اسان کي ذهني جسماني طور تي سخت تشدد ۽ پريشان ڪري رهيو آهي، مسمات فاطمه احتجاج ڪندي چيو ته آئون ايس ايس پي حيدرآباد ڊي آءِ جي حيدرآباد آءِ جي سنڌ هاءِ ڪورٽ سنڌ، تڪ جي چونڊيل نمائندن ۽ ٻين وارين اختيارين کي گذارش ٿي ڪريان ته منهنجي ذاتي ملڪيت سان سونڪي ۽ منهنجي پٽ حسين بخش کي رهڻ لاءِ گهر ڏئي انصاف ڪيو وڃي ۽ نافرمان پٽ کي قانون موجب ڌمڪيون جهيڙي ۽ تشدد ڪرڻ تي گرفتار ڪري سزا ڏني وڃي

مسوپرڳڙي: بيواهه مسمات فاطمه احتجاجي مظاهرو ڪندي

ٽني جي اوڻگر ٽنڊو حافظ جي رهواسي جو زرعي زمين تي قبضي خلاف حيدرآباد ۾ احتجاج

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) ٽني جي اوڻگر ٽنڊو حافظ جي رهواسي نور محمد سومرو ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون زرعي زمين تي قبضي خلاف حيدرآباد پريس ڪلب سامهون احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي هن الزام هڻندي چيو ته 11 ورهين کان علائقي جي بااثر ماڻهو دير محمد دل زرعي زمين تي قابض آهي جڏهن ته تازو قتل ڪيس ۾ عمر قيد ڪاٽي آيل پنهنجن ڀائيٽين محمد اقبال، محمد جمن ۽ محمد قاسم کي منهنجي قبضو ڪيل زمين تي ويهاري ڇڏيو آهي هن چيو ته ڪجهه عرصو اڳ بااثر وڏيري دين محمد دل خلاف پ پ اڳواڻ محمد صادق ميمڻ کي دانهن ڏني جنهن فيصلو منهنجي حق ۾ ڏنو پر دير محمد دل فيصلو مڃڻ کان انڪار ڪندي فيصلي سان نڪري ويو هن روينيو کاتي ڊپٽي ڪمشنر ٽنڊو ۽ ايس ايس پي ٽنڊو کي اپيل ڪئي ته ماسري جو نوٽس وٺي زمين تان قبضو ختم ڪرائي سندس حوالي ڪري تحفظ ڏنو وڃي

حيدرآباد جي واسا ملازمن مطالبن جي مڃتا لاءِ ڪالهه 50هين ڏينهن به احتجاج جاري

ذاڪر الله، محمد نديم، شاهد خان، جاويد پٽني ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ پريس ڪلب سامهون احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

20 مهينن جون پگهارون ۽ پينشن نه ملڻ سبب ملازم سخت مالي مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ تي مجبور آهن: مظاهرين

ماسري جو نوٽيس وٺي رهيل پگهارون ۽ پينشن جلد ادا ڪري ملازمن ۾ ڦليل بيچيني ختم ڪئي وڃي: وزيراعليٰ کي اپيل

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد جي واسا ملازمن مطالبن جي مڃتا لاءِ ڪالهه 50هين ڏينهن حيدرآباد پريس ڪلب سامهون ذاڪر الله، محمد نديم شاهد خان، جاويد پٽني ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي هنن چيو ته حيدرآباد واٽر ۽ سيوريج ڪارپوريشن جا ملازم ۽ رٽائر ملازم مهينن جي پگهار ۽ پينشن کان محروم آهن هنن چيو ته 20 مهينن جون پگهارون ۽ پينشن نه ملڻ سبب ملازم سخت مالي مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ تي مجبور آهن هنن چيو ته ڪارپوريشن ۾ سي اي او فنانس آفيسر ۽ من پسند اسٽاف کي هر مهيني پگهارون جاري ٿين ٿيون ۽ سموريون مراعتون وٺي رهيا آهن پر ننڍن ملازمن لاءِ پگهارون ۽ رٽائر ملازمن لاءِ پينشن جي رقم ادا ڪرڻ لاءِ ناهي جيڪا مزدور دشمني آهي هنن چيو ته اداري جي هر مهيني ڪروڙين رپين جي وصولي هجڻ باوجود ننڍا ملازم پنهنجي حق کان محروم آهن هنن سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه وزير بلديات کي اپيل ڪئي ته ماسري جو نوٽيس وٺي رهيل پگهارون ۽ پينشن جلد ادا ڪري ملازمن ۾ ڦليل بيچيني ختم ڪئي وڃي

ڏگهڙي جي ديهه 170 جي معروف زميندار پاران سوشل ميڊيا تي گردش ڪندڙ هڪ درخواست کان لاتعلقي جو اظهار

ڏگهڙي(ن ع) ڏگهڙي جي ديهه 170 جي معروف زميندار محمد سعيد آرائين ڪاروباري شخصيتن امجد جاويد ۽ محمد امجد، جڏهن ته سماجي اڳواڻ شاهد علي آرائين ڏگهڙي پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي سوشل ميڊيا تي گردش ڪندڙ هڪ درخواست کان لاتعلقي جو اظهار ڪندي ان ۾ سندن نالا استعمال ڪرڻ جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي آهي پريس ڪانفرنس دوران هنن چيو ته ڏگهڙي جي معزز شخصيت زميندار ماسٽر منور آرائين ۽ سندس پٽ صائم منور آرائين خلاف منشيات فروشي جي مبينا الزام بابت سوشل ميڊيا تي هڪ درخواست گردش ڪري رهي آهي، جنهن ۾ اسان جا نالا استعمال ڪيا ويا آهن هنن واضح ڪيو ته مذڪوره درخواست سان اسان جو ڪو به تعلق ناهي ۽ نه ئي اسان اهڙي ڪا درخواست ڏني آهي هنن چيو ته اسان جا نالا استعمال ڪري رڳو اسان کي بدنام ڪرڻ پر مبينا طور بليڪ ميل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي، جنهن جي اسين سخت لفظن ۾ مذمت ۽ ترديد ڪريون ٿا سندن چوڻ هو ته ماسٽر منور آرائين هڪ مذهبي ديندار انسان دوست ۽ علائقي جي معزز شخصيت آهي هنن مطالبو ڪيو ته سوشل ميڊيا تي سندن نالن جي غلط استعمال جو نوٽيس وٺي معاملي جي …

سڪرنڊ ۾ سليمان چانڊيو جي شهادت وارو مامرو

قتل جي الزام هيٺ آيل شاهنواز مگسي ميڙ وٺي مقتول جي وارثن وٽ پهتو

تاثير ۽ جڳهه به چانڊيا مقرر ڪن اسين هر قسم جي فيصلي تي عمل ڪرائڻ جا پابند هونداسين: شاهنواز

سڪرنڊ (ن ع) شهيد سليمان چانڊيو جي شهادت ڪانپوءِ قتل الزام هيٺ آيل شاهنواز مگسي پاران ضلع شهيد بينظيرآباد جي مختلف برادرين ۽ راڄن جي چڱن مڙسن سڪرنڊ شهر جي معتبر شخصيتن ۽ مختلف سياسي سماجي اڳواڻن سميت نياڻيون هٿن ۾ قرآن پاڪ کڻي سڪرنڊ لڳ ڳوٺ حاڪم چانڊيو پهچي شهيد سليمان جي والد نظير احمد چانڊيو سميت سندس وارثن سان ملاقات ڪئي جتي رئيس منظور احمد مگسي، رئيس بهار خان مري ۽ سينيئر صحافي قاضي جاويد سنائي شهيد جي وارثن کي حال احوال ڏنا ۽ هر قسم جو ونهوار ڏيڻ جو چيو ۽ ڪين اهو پڻ چيو ته اسين به چانڊيه برادري مقرر ڪن ۽ تڏن ڪانيمر ۽ جڳهه به چانڊيا مقرر ڪن اسين هر قسم جي فيصلي تي عمل ڪرائڻ جا پابند هونداسين جنهن تي شهيد سليمان چانڊيو جي والد نظير احمد چانڊيو آيل منٿ ميڙ قافلي مان ڪي ڏينهن هڪ هفتي جي مهلت گهري جنهن تي قافلي سندس شڪريو ادا ڪيو منٿ ميڙ قافلي ۾ جن شرڪت ڪئي انهن ۾ الهه ڏنو رند، نور احمد رند، سردار راهو حاجي منير مگسي، عليشير شرف الدين مگسي گلن خان مگسي، غلام نبي ملاح، ولي محمد پٽني راجڪمار اوڏ سميت ڪئي شخصيتون شريڪ هيون

دڙو ۽ آسپاس عيد ميلادالنبي ﷺ جي جشن ۾ ڀڪي اٿيو جلسا، ريليون

اتحاد اهلسنت، انجمن نوجوان غلام مصطفيٰ ۽ دعوت اسلامي پاران ريليون ڪڍيون ويون

محفل جي پڄاڻي تي عرس جو لنگر تقسيم، عاشقان رسول ﷺ پاران محبت ۽ عقيدت جو اظهار

دڙو (ن ع) دڙو ۽ آسپاس جي مختلف علائقن ۾ جشن عيد ميلادالنبي ﷺ جي خوشين واري ڀڃان روشنين جي جهرمر ۾ ريليون، جلسا، جلوس، هر طرف مرحبا، مرحبا يارسول ﷺ جون صدائون بلند، تفصيل موجب دڙو ۽ آسپاس جي مختلف ننڍن وڏن شهرن ۽ ڳوٺن ۾ آمد رسول ﷺ جي ولادت جي خوشين واري موقعي تي اتحاد اهلسنت، انجمن نوجوان غلام … غلام اويس ڪانڊڙو طرفان عيد ميلاد النبي ﷺ جي موقعي تي جلسو منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ سوين عاشقان رسول ﷺ شرڪت ڪئي جلسي جي صدارت پيرطريقت رهبر شريعت سيد ڊاڪٽر حافظ ظاهر حسين شاهه جن ڪئي جڏهن ته خصوصي خطاب پيرطريقت سيد مولانا منير احمد شاهه بخاري، رونق محفل سيد محمد ماهر شاهه بخاري سيد شبير احمد شاهه …